اِشاعت جو ڇٽيهون سال


Sahit ain Kala ji **RACHNA**
Editor : Lakhmi Khilani
Sub Editor : Mukesh Tilokani

ساهت ۽ ڪلا جي

# رچنا- ١٤٢

ايڊيٽر : لڪمي کلاڻي

سب ايڊيٽر : مڪيش تلوڪاڻي

سال : ٣٦ Year-36

اَنڪ : ١٤٢ Vol-142

في انڪ : ٥٠ رپيا

**Price Rs. 50/=**
**Annual Subscription Rs. 200/=**
**Life Subscription Rs. 2000/=**

**(April - June 2014)**

اَپريل - جون ٢٠١٤

ڀارت کان ٻاهر :
١٠٠ يو. ايس. ڊالر

پاران : اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
**P.O.Box-10 Adipur (Kutch) 370205**
Ph: (02836) 263851, E-mail : contact@sindhology.org Website www.sindhology.org




# سلسلو


اَکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جا انعام (٢٠١٤) ٢؛ مهمان سمپادڪ طرفان - گلن پوپٽن جي راڻي ثميره زرين / خليل مورياڻي ٣؛ وڳڙ ۾ وائي ڪالهہ تنهنجي ڪونجڙي / محمد اَبراهيم جويو، حميد سنڌي، ولي رام ولڀ، ماهتاب محبوب ٦؛ ڪهاڻي - وطن / ثميره زرين ١٣؛ ليک - سدا حيات-ثميره زرين /نصير مرزا ٢٧؛ ليک-مرحوم ثميره زرين / فهميده حسين ٢٩؛ ليک - ثميره زرين جي ياد /سندري اُتمچنداڻي ٣٤؛ ليک - ثميره زرين /عبدالقادر جوڻيجو ٤٢؛ ليک - گلن ۽ پوپٽن جي راڻي - ثميره /صَفيہ اَعوان ٥٠؛ ليک - ثميره سان شام/ نثار حسيني ٥٥؛ ليک - سنڌي افساني جي اوسر (اوائلي دور) /ثميره زرين ٦٣؛ توهان طرفان - ٧١؛


**هن پرچي جو سمپادڪ خليل مورياڻي آهي**

# اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جا انعام (٢٠١٤)

| | | |
|---|---|---|
| ١. | لکمي کلاڻيءَ کي اي. جي. اُتم لائيف ٽائيم اَچيومينٽ اوارڊ | 50,000/- |
| ٢. | پروفيسر ونود آسوداڻيءَ کي ساهتڪ اوارڊ | 25000/- |
| ٣. | ڪمل ڀڳت کي سنگيت اوارڊ | 25000/- |
| ٤. | بادل راهيءَ کي سنڌ فنڪار اوارڊ | 25000/- |
| ٥. | نيرو آسراڻيءَ کي ڊراما اَوارڊ | 25000/- |
| ٦. | تلسي سيتيا کي سنڌي ٻوليءَ جي بچاءَ لاءِ اَوارڊ | 25000/- |
| ٧. | ڊاڪٽر ادل سومري کي سنڌ اديب اوارڊ | 25000/- |
| ٨. | ڀڳوان ڪلناڻيءَ کي چترڪار اَوارڊ | 25000/- |
| ٩. | ناري سانولاڻيءَ کي NRI سنڌيت اَوارڊ | 25000/- |
| ١٠. | ’د سنڌين‘ مخزن کي سنڌي جرنلزم اوارڊ | 25000/- |

٦ جون ٢٠١٤ تي سڀا جي ٽيٽيهين سالياني جلسي جي موقعي تي بمبئيءَ جي سينٽ اَئنڊريوز آڊيٽوريم ۾ مٿيان انعام سڀا جي پرڌان سندر اگناڻي، مکيه مهمان ڊاڪٽر موتي پرڪاش، ۽ مهمان خصوصي ڊاڪٽر رام بخشاڻي ۽ شري رميش ٽوراڻيءَ جي مبارڪ هٿن سان ڏنا ويا.

انعام حاصل ڪندڙ سيني اديبن، فنڪارن، تعليمدانن ۽ اخبار نويسن کي سنڌالاجي ۽ ’رچنا‘ پاران مبارڪون !

# گلن ۽ پوپٽن جي راڻي
## ثميره زرين

اهو اعزاز بہ اسان جي شهر شڪارپور کي حاصل ٿيل آهي تہ سنڌي ادب جي خاتون اول ثميره زرين بہ هتي دريشاڻي اعواڻ خاندان جي معزز ۽ محترم محمد اعظم جي گهر تولد ٿي، جو انگريزن جي زماني ۾ ڪو آپريٽو سوسائٽيءَ ۾ اسسٽنٽ رجسٽرار هو. تعليم يافتہ ۽ سخت روايتي خاندان سان تعلق رکندڙ ثميره زرين جو هڪ ڪهاڻيڪار عورت جي حيثيت سان ايري اچڻ بيشڪ ڪنهن ادبي معجزي ڪان گهٽ ڪين آهي. هن سنہ ۱۹۵۴ع کان لکڻ شروع ڪيو تہ پهريان ڏهہ ٻارهان سال تہ ادبي حلقن ۾ فقط اها چوُپچو هلندي رهي تہ اها ثميره زرين آخر آهي ڪير!؟ وري اهو ڳُل ٿيو تہ ڪو مرد اديب عورت جي فرضي نالي سان پيو ڪهاڻيون لکي. آخر تڏهن هنگامو ٿيو، جڏهن ’مهراڻ جون چوليون‘ پڌرو ٿيو ۽ ان جو بهترين مقدمو جيڪو بيشڪ ان وقت جي علمي ۽ ادبي حالتن مطابق وڏي مطالعي جو روشن مثال هو، ڏسي غلام رباني آگري جهڙي اديب اها دعويٰ ڪئي هئي تہ اهو هن جو پنهنجو لکيل آهي. اهو ماحول ڏسي هن جي حساس دل درد جي ڪيفيت سان سرشار ٿي پئي ۽ هري موٽوانيءَ جي ادارت ۾ شايع ٿيندڙ رسالي ’ڪونج‘ بمبئيءَ ۾ هڪ خط لکيائين، جو ادبي عدالت جي سري سان شايع ٿيو. جنهن ۾ شڪايتي طور چيائين تہ ’ڏهہ سال اڳ جڏهن ادبي شوق ۾ لکڻ شروع ڪيو هوم، تڏهن هن هنگامي خيز مستقبل جو گمان بہ ڪين هو. اهو ئي ويچار هو تہ خاموشيءَ

سان لکي پنهنجو شوق پورو ڪنداسين ۽ خاموشيءَ سان مري ويندا سين، ڪنهن کي پتو بہ ڪين پوندو. پڇاڙئي ڪين ٿيندي، پر جناب تو بہ ! اهو تصور اهڙو تہ ڇڪناچور ٿيو جو ڇا چئجي!

جيستائين مون کي ڇوڪريءَ بجاءِ ڇوڪرو سمجهندا رهيا، مون فڪر نہ ڪيو، پر هينئر تہ منهنجو وجود ئي سري سان مٽايو پيو وڃي يعني ثميره آهي ئي ڪانہ - رباني لکندو آهي !!

پيو سبب ڇوڪرو مڃڻ لاءِ اهو آهي تہ غلام رباني چئي وينو تہ مقدمو 'نئين زندگيءَ' پاران سهيڙيل افسانن جي مجموعي 'مهراڻ جون ڇوليون' لاءِ لکيل بہ سندس ئي آهي. ٿورو عقل هلائڻ کپي. ربانيءَ جا افسانا ۽ منهنجا افسانہ ڇا انداز تحرير ۽ موضوع وغيره ۾ هڪ جهڙا هوندا آهن. مون ڪو بہ افسانو ربانيءَ جهڙي ڳوناڻي ماحول ۾ نہ لکيو آهي، نہ وري ربانيءَ جي افسانن ۾ مون جيان عورت جي ڪردار جي گهرائي هوندي آهي.'

ادب ۾ اديب جي ڪردار جي اهميت کان ڪير انڪار ڪندو ! افلاطون کهڙو نہ چڱو چيو آهي تہ،'اهو ئي فن پارو ابدي حيات جو ضامن آهي، جنهن جي آبياري خلوص جي چشمي مان ڪئي ويئي آهي.' بيشڪ اديب جو اسلوب سندس هستيءَ هيانءَ جو اهڙو عڪس آهي، جنهن ۾ هو سراپا نظر ايندو آهي. ثميره زرين بہ پنهنجي تحرير ۾ پنهنجي اخلاقي اظهار، عورتاڻي حياءَ ۽ خانداني تربيتي تدبر سميت جنهن معصوميت ۽ ڏيرج سان محسوس ٿئي ٿي، سو سنڌ جي تهذيبي ۽ ادبي ترجمانيءَ جو اهڙو آئينو آهي، جيڪو ڪڏهن بہ ڏنڌلو ٿي نہ سگهندو. اڄ جيتوڻيڪ سندس وڇوڙي کي پريا سٺتيهہ سال گذري ويا آهن، پر پوءِ بہ ثميره زرين سنڌ جي ادبي سرير ۾ ساهہ پساهہ وانگر موجود آهي. 'گيت اُجايل مورن جا'، 'آءٌ اهائي مارئي'، 'روشن چانورو' هن جي هستيءَ جي هجڻ جي ساک پرين ٿا.

ثميره زرين جو مطالعو ۽ مشاهدو وسيع هو. هوءَ سنڌي ادب کان سواءِ، اردو، هندي، بنگالي، انگريزي ۽ روسي ادب جو مطالعو بہ وڏي پابندي ۽ پابوهہ

سان ڪندي رهندي هئي. هوءَ زندگيءَ جي خود انتظاميءَ جو وڏو خيال رکندي هئي. توڙي جو سندس شخصيت ۾ فنڪارانہ مزاج جي لحاظ کان لا ابالي موجود هئي، ان هوندي بہ پاڻ ڳالهائڻ ۽ لکڻ ۾ وڏو احتياط اختيار ڪندي هئي. ثميره زرين سنڌي ادب جي تاريخ جو اهو اهم ۽ يادگار ڪردار آهي، جنهن کي ڪڏهن بہ فراموش ڪري نٿو سگهجي.

ثميره زرين سنڌ واسين کان تہ ڪڏهن بہ وسري نٿي سگهي، پر هندواسين بہ ان کي ياد ڪري، جنهن پنهنجائپ ۽ ادب نوازيءَ جي ساک قائم ڪئي آهي، سا بيشڪ اهڙي روايت جو بنياد ثابت ٿي سگهندي، جنهن کي هميشه قائم رکڻ جا جتن ڪيا ويندا.

ناميارو ليکڪ لکمي کلاڻيءَ ٽماهي ’رچنا‘ جو ثميره زرين پرچو شايع ڪري، ان جي فني بيناڻيءَ کي مڃيندي کيس هميشه ياد رکڻ لاءِ سنڌ ۽ هندواسين کي وڏو موقعو فراهم ڪيو آهي. آءٌ پنهنجي سرتہ سهي، پر سموري سنڌ ’رچنا‘ ۽ لکمي کلاڻيءَ جا دل جي گهراين سان ٿورا مڃون ٿا ۽ اها آس ڪريون ٿا تہ سنڌ ۽ هند جا اهڙا ودوان جيڪي لائق تہ آهن، پر ڪن سببن ڪري وساريا ويا آهن، تن کي گڏجي ياد ڪري، پنهنجي سچيت هئڻ جو ثبوت ڏيون.

اُڪير مان

**خليل موريائي**

**موريائي محلو، شڪار پور (سنڌ)**

**موبائيل نمبر** 00923009312330

# وڳر ۾ وائي ڪالهه تنهنجي ڪونجڙي

> 13 آگسٽ 1977ع جو صبح، سنڌي ساهت ڪيترجي جوت ڪي جهڪو ڪري ويو. ثميره زرين سنڌي ڪهاڻيڪار عورتن جي سرواڻ، ڪُمهلو پنهنجي وڳرڪان وڇڙي ويئي. هيٺ اُن وڳروڇوڙي ڪونج جي سَرَجي ڪن ساٿين جون سارونيون ڏجن ٿيون.

## محمد ابراهيم جويو

ڀيڻ ثميره زرين سنڌي ٻوليءَ جي هڪ نماڻي پورهيت اديب هئي. هن جي وڃڻ جي هيءَ وهي نه هئي. سنڌي ادب جي دنيا ڪي وڌانئس اجا گهڻو ڪجهه ملڻو هيو. پر موت تي ڪنهن جو به وس نه آهي. 'روئڻ سان رهن ها جي سپرين، مان نيڻين نير نه روڪيان ها .....'. وري به پاڻ ڪجهه اسان ڪي پنهنجي ذهني ڪاوش جو ثمر ڏيئي ويون آهن، اُن لاءِ اسين لک ٿورائتا آهيون. اسان لاءِ هوءَ پنهنجن انهن خيالن جي صورت ۾ سدائين زنده رهندي، جيڪي هن پنهنجين انهن ادبي تخليقن ۾ اسان وٽ ڇڏيون آهن. سنڌي ادب جي تاريخ مان ڀيڻ ثميره زرين جو نالو ڪڏهن به وسرڻو نه آهي.

## حميد سنڌي

وڏڙن ڪان ٻڌو اٿم ته ماڻهو نه رهندو پر وڃي رهنديون سنڌس ڳالهيون. حفيظ ويو ته چار ڏينهن سنڌس پچار ڪئي سين. بيگم چنا گذاري ويئي ته ڪي ڏينهن ڪيس پچاريوسين. گراميءَ جا گفتا به ڀر چار هليا. هاڻ ثميره سفر هلي ته ڳالهين جو بهانو مليو اٿئون. چڱو ته پوءِ اَچو سنڌس پچار ڪريون، ڪو زوردار ڏک جو اظهار ڪريون، اکين ڪي زور ڏئي ڳوڙها ڳاڙيون، لفظن جو طلسم ٻڌون. سنڌس ڳڻ ڳايون، ڪنهن يادگار قائم ڪرڻ جو ڪوڙو عزم ڪريون. سنڌس پونئيرن سان لکن جي همدردي ڪريون، اچو ته اُهو سڀ ڪجهه ڪريون جيڪي ماضيءَ ۾ پنهنجي اديب/ليکڪ برادريءَ جي ساٿيءَ جي

غم ۾ ڪندا رهيا آهيون. توڙي اِهو وقتي چونــ هجي. وقت سان تـ اَسين هلي رهيا آهيون. وقت سان ساٿ ڏئي، وقت جي اديبن کي ساراهيو اٿئون، جي مري ويا تـ گھوريا، پويان اها سڪٽي پچارگهٽا ڏينهن. سو سائين پلا اَچو تـ اها سڪٽي پچار ڪريون، ۽ پيڻ ثميره زرين لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ايترا تـ اڪر ساراه وارا ۽ يادگار چئون جو هرهڪ اسان کي ساراهي.

پيڻ ثميره لاءِ مون وٽ ساراهـ طورهي اڪر آهن تـ هوءَ سنڌي ادب جي اُها ڪهاڻيڪار نياڻي هئي، جنهن جي قلم مان اسان جون پنهنجيون، اوهان جون، سيني جون ڪهاڻيون نڪتيون. جنهن پنهنجن ڏکن فڪرن کي ترڪ ڪري ٻين جي ڏکن ۽ فڪرن کي پنهنجو ڪري ڪهاڻيون لکيون. سندس شروع واريون ڪهاڻيون خواب آهن، جيڪي هن اسان سيني لاءِ ڏٺا ۽ پويون ڪهاڻيون، حقيقتون آهن، جن ۾ اُها ڪڙائي بـ آهي جي ڪو چکي چيت ڪري. ثميره سنڌ جي نياڻين جي علامت هئي ۽ رهندي.

پيڻ ثميره لاءِ يادگار اڪر تـ معنيٰ نـ ٿا رکن پر مون لاءِ سندس يادگار اُها آخري فون تي ٿيل گفتگو آهي، جنهن جو هيءُ جملو مون لاءِ سڀ ڪجهـ آهي، ’منا ياءٌ، پلي پائرپينرن کي وساري ڇڏين پرپينرون پل لاءِ بـ پائرن کي نـ ٿيون وساري سگهن.‘ جنهن ۾ هن مون کي جيڪي بـ چيو اُهو منهنجي لاءِ عظيم سرمايو آهي. سندس گفتگو ۾ جيڪي ڏک ۽ درد پريل هو، تنهن اُن وقت بـ مون کي روئڻ تي مجبور ڪيو، جڏهن مون سندس موت جو ٻڌو ۽ اڄ بـ ڪيو آهي، جڏهن هيءُ ٻـ اڪر لکيا اَٿم. جاٽان ٿو تـ هي ڳوڙها وقتي آهن، پر سندن ڏک منهنجي لاءِ دائمي آهي اُن ۾ ڪو بـ ڇلُ قند ڪونهي ڇاڪاڻ تـ مون پيڻ وڃائي آهي جيڪا ٿي سگهيو ٿي تـ اڳتي هلي اڃا بـ نياڻين کي وڌيڪ سجاڳ ڪري ها. جيڪو بـ پينرن ۽ نياڻين وارو هوندو اُهو ئي اُن جو احساس ڪندو. ٿي سگهي ٿو تـ اُن احساس هيٺ ئي اسين گهٽ ۾ گهٽ هن نياڻيءَ جي وفات تي سچي ڏک جو اظهار ڪريون سندس پچار دائمي ڪري ڇڏيون، سندس اهڙا ڳڻ ڳايون جو اُها امر ٿي وڃي. ابتدا ئي اتان ڪريون تـ بـ سمجهان ٿو تـ هر اديب ساٿيءَ جي انتها سٺي ٿيندي ۽ عظمت جو اهڃاڻ هوندي.

## ولي رام ولڀ

ٻه ٽي مهينا ٿيا، سروپ چندر شاد مون سان گڏ هو. اسان سنڌالاجي ڏسڻ ويا هئاسون. عبدالقادر جوڻيجو مليو هو ۽ اسان کي سنڌالاجي گهمائي هئائين ۽ ثميره زرين سان ٻه ملايو هئائين. ساڻس اها منهنجي پهرين ملاقات هئي. نماڻائيءَ مان هوريان هوريان ڳالهائيندي پئي ويئي. سندس اکيون خشڪ هيون پر چهري جي وياڪلتا مان لڳو ٿي جڻ روئندي رهي هئي. سندس پيارو پاڻ تازو گذاري ويو هو. موڪلائڻ ويل چيو هئائين: 'ادا توهان وٽ منهنجو ڪتاب 'سيتا هرڻ' آهي جو مظهر ميمڻ ڏنو هوندو، اهو هاڻي ته واپس ڪجو.' مون کيس وراڻيو هو: 'ادي، اهو ڪتاب توهان کي ترجمي جي ڪاپيءَ سميت اَچي واپس ڪري ويندس.' هوءَ ڪجهه وڌيڪ چئي نه سگهي هئي. ٻه هفتاکن ٿيا ته پاڻ هدايت پريم هٿان ڪتاب واپس ڪرڻ لاءِ چورائي موڪليو هئائين. مون ڪتاب ته واپس ڪري ڇڏيو پر کيس ترجمي جي ڪاپي نه ڏيڻ جو افسوس رهيو. مون کي اهو گمان ٻه نه هو ته اها ساڻس منهنجي آخري ملاقات هوندي.

هن پنهنجا وڪريل ڪتاب انهيءَ ڪري سميٽيا پئي جو سفر جو سامان ٻڌي ڪوچ ڪرڻ واري هئي، جنهن جا کيس اڳواٽ پرون پئجي ويا هئا. اها دڪدائڪ گهٽنا ۽ عجيب اتفاق آهي جو ٿورو اڳ ماهتاب محبوب سندس ذڪر ڪندي لکيو هو:

> 'ثميره ڪتابن جي عاشق ۽ سرهاڻ تي سدائين مست آهي. آخري خواهش اُٿس ته جيڪر آخري آرام گاهه سرن بدران خوبصورت جلد وارن ڪتابن سان ٻڌي وڃي ۽ ڪتبي ۾ شاهه جو رسالو لڳل هجي ۽ سندس آرام گاهه جو سمورو ايوان پيلن ڳاڙهن گلن جي ٻوٽن سان جهنجهيل هجي.'

13 آگسٽ تي خبر مليِ تہ ثميرہ زرين گذاري ويئي. سنڌي ادب جي مالها جو موتي ڊاٺو ٽٽي پيو. پنهنجا ڪتاب (پنهنجي قبر لاءِ) سميٽي پاڻ وڪري ويئي. اخبارن ۾ خبر ڇپي تہ سنڌي ادب ۾ عورت ڪهاڻيڪار جي حيثيت سان ثميرہ جو نالو امر رهندو. اسان پنهنجي بيوسي ۽ مجبوري لڪائڻ لاءِ پل ڪٽي سوين سهارا ڳوليون، پيءَ بهتر دنيا جو سوچي دل کي ڏڍ ڏيون تہ زندگي وهندڙ دنيا آهي پر تہ اٿين آهي موت جي نقصان جو پورائو نٿو ٿي سگهي، اهو ئي ڪارڻ آهي جو اهو سور انسان جي سيني سورن کان وڌيڪ پيڙا ڏيندڙ آهي. اهو سور تڏهن پاڻ وڌيڪ ڏکوئيندڙ ٿيو پوي، جڏهن اهو احساس ٿئي ٿو تہ مرهيات کي هينئر مرڻ نہ کپندو هو. اها عمر مرڻ جي ٿورو ئي هئي !

## ماهتاب محبوب

صبح جو اٽڪل يارهن ٿيا هئا جو ثميرہ جي ڀاڻيجي رضوان جي اچڻ جو اطلاع مليم. سمجهيم تہ ثميرہ ڪو ڪتاب موڪليو هوندو. پر ڪهڙو ڪتاب ٿي سگهي ٿو، ڪجهہ ڏينهن اڳ ئي تہ ’پرک‘ موڪليو هئائين. اهو سوچي جڏهن مان رضوان وٽ آيس تہ ڏٺم تہ هو مُنجهيل مُنجهيل هو. مون کي بہ جڻ ڳالهائڻ لاءِ لفظ نہ پئي مليا، ڪجهہ ياد نہ اٿم پر سمجهان ٿي شايد ويهڻ لاءِ چيومانس پر هو بيٺو رهيو ۽ جڏهن ڪنبندڙ آواز ۾ چيائين :

’آنٽي ثميرہ اڄ صبح جو ستين وڳي گذاري وئي.‘

تڏهن اٿين پانيم تہ اهي لفظ نہ هئا پر ڇپ هئي جا منهنجي هِيانءَ تي ڪِري پئي. ڪو اکر نہ پئي اُڪليو ٿيم. مان انهيءَ پير سانڊس گڏجي ثميرہ وٽ آيس. پٽا پاڪر پائي ڪيڪارڻ واري ثميرہ، بي نيازيءَ سان چادر اوڍي گهريءَ سوچ جون ريکائون ڇهري تي ڪٽي ابدي ننڊ ستي پئي هئي. مان آهستگيءَ سان هن جي ٿڌي پيشانيءَ کي ڇهيو، ڳلن تي بہ هٿ گهمايم پر هميشہ جيان ڪا بہ مِني مُرڪ منهن تي ظاهر نہ ٿيس. سنجيدگيءَ ۽ سوچ جون ريکائون بدستور قائم هيون. مان سندس کٽ جي پائي تي مٿو رکي ويهي رهيس. هوءَ منهنجي خيالن ۾ پنهنجن ڳالهائيندڙ اکين سان، ڊمپلز واري مِني مرڪ کٽي ظاهر ٿي.

آخري ڀيرو هفتو ڏهه ڏينهن اڳ مون سان ڪلاڪ کن فون تي ڳالهايو هئائين. ڏاڍيون پياريون ڳالهيون ڪيون هئائين، رکي رکي ڏاڍي ڏک مان پاڻ جو به ذڪر ٿي ڪيائين، جنهن سان سندس بي حد گهڻو پيار هو. پيارن جي دائمي جدائي، زندگيءَ کي اهڙو ڦٽ ڏيئي ويندي آهي، جيڪو نه ڏکندو آهي نه چڪندو آهي، اندر ئي اندر سگريءَ جي مٺي باهه وانگر دکندو رهندو آهي.

جڏهن چيومانس :

’مان تو وٽ گهڻي وقت کان نه آئي آهيان، تو کان سخت شرمسار آهيان.‘

تڏهن قرب مان وراڻيو هئائين : ’مان پنهنجن پيارن سان ميارون نه ڪندي آهيان، تون منهنجي دلبر دوست آهين، پنهنجا روحاني رشتا آهن.‘

’برسات‘ ۾ منهنجي مضمون جو ذڪر ڪندي چيائين : ’تون مون کي خاتون اول ڪري لکيو آهي، يونيورسٽيءَ ۾ مون کي سڀ انهيءَ لقب سان مخاطب ڪري تنگ ٿا ڪن. اهو به چون ٿا ته بيگم ڀٽو نه ڪاوڙجي پوئي.‘

’ڇو ڪاوڙندي. هوءَ ته سياسي خاتون اول هئي ۽ تون، سنڌي ادب جي خاتون اول آهين. اهو خاص منهنجي طرفان خطاب اٿئي ۽ هاڻي ان خطاب سان ئي تون ياد ڪئي ويندينءَ.‘

’مان به توتي هڪ مضمون لکڻ واري آهيان.‘ شرارت مان کلندي چيو هيائين.

مون کي اڳواٽ ڏيکاريندينءَ نه؟‘ خوشامد مان پڇيومانس.

’ها دلبر، ضرور ضرور!‘

ڳالهائڻ مهل گهڻو ڪري ادبي لهجو ۽ لفظ استعمال ڪندي هئي جيڪي ڪڏهن ڪڏهن فون تي سندس ڌيمي آواز سبب ويتر مون کي سمجهه ۾ نه ايندا هئا. تنهن ڏينهن اهو به چيومانس :

’مون کي احساس ڪمتريءَ ۾ ته نه وجهه ثميره، تنهنجي گفتگو خالص ادبي قسم جي آهي، ڪيترن لفظن جو ته مطلب ئي سمجهه ۾ نه ٿو اچيم، مون جهڙن لاءِ ته سليس سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندي ڪر.‘

تڏهن هوءَ کلي پئي هئي ۽ شاعراڻي انداز ۾ مون کي پڌائڻ لڳي، پر مان هڪ به نه مڃي مانس. اسان جون ڳالهيون ڪٿيون ئي نه پي. مون چيومانس ته مان هڪ ٻن ڏينهن ۾ تو وٽ ايندس. چيائين: ’ضرور اچجانءِ، يونيورسٽيءَ مان شام پنجين وڳي موٽنديس. تون اچجانءِ ته رات جو ڏهين يارهين وڳي تائين ويهي ڳالهيون ڪنداسين، مزيدار ڳالهيون پڌائيندي مانءِ.‘

ٻارهين آگسٽ جي شام موڪلائڻ واري هئي. مائٽن جي گهران موٽيس پي، ۽ جڏهن ثميره جي گهر اڳيان لنگهيس ته محبوب چيم: چيئه ٿي ته ثميره وٽ وينديس، هينئر ئي وڃي ٿي اچيس، پوءِ سُستي ڪندينءَ.‘

مان دل مان هٽڻ لڳس، پهريائين چيم ته وڃان وري چيم نهيو، سياڻي وينديس مانس، هينئر ٿڪجي پئي آهيان.

’چئين ته ڪار بيهاريان، ڪجهه دير وڃي ٿي اچ.‘ محبوب هڪ وار وري به پڇيم.

’ڪجهه دير مان ڇا ٿيندو‘. وراڻيم. ’ثميره ته چيو هو اِلهي دير ڳالهيون ڪنداسين.‘

’پوءِ پلي گهڻي دير ويهجانءِ.‘

پر مان الائي ڇو ٻڌترم هجان ۽ چيم: ’هينئر نٿي وڃان، دير به ٿي وئي آهي، سياڻي گهڻي دير وٽس ويهنديس.‘

محبوب ڪڏهن به ڪنهن جي گهر وڃڻ لاءِ ايڏو اسرار نه ڪيو آهي، تنهن ڏينهن خبر ناهي ڪيئن مون کي ٿي چار دفعا وڃڻ لاءِ زور ڀريائين ۽ جڏهن ثميره جو گهر پٺ تي ڇڏي آيس تڏهن دل ۾ عجيب قسم جو پڇتاءُ ٿيم، جڻ مان محبوب جو چوڻ نه مڃي ڇڱو نه ڪيو. مون کي ڪهڙي خبر هئي ته منهنجي پياري ثميره جي زندگيءَ جي آخري شام به موڪلائي رهي هئي. انهيءَ پڇتاءَ به ثميره جي وڇوڙي وانگر منهنجي دل ۾ گهرا گهاءَ وجهي ڇڏيا آهن.

ساڻس منهنجي دوستي سوا سال جي مختصر عرصي تائين محدود رهي پر ان مختصر عرصي ۾ هن مون کي جڻ سڄي ڄمار جو پيار ڏيئي ڇڏيو. سندس ياد منهنجي دل ۾ هن جي ڀرپور پيار ۽ سڪ سميت هميشه زنده رهندي، مان کيس ڪڏهن به نه وساري سگهندس.

اديب حساس هوندو آهي ۽ ثميره ته بي حد حساس هئي. وڏي ڀاءُ جي بي وقت موت کيس ڏينهون ڏينهن گهٽتين ۽ ڳارائن ۾ وجهي ڇڏيو هو. هوءَ گهڻو اُداس رهڻ لڳي هئي. شب برات واري ڏينهن کان سندس طبيعت ڏاڍي خراب ٿي وئي هئي، جنهن کي ڊاڪٽرن گهٽتين ۽ فڪرات سببان معدي جي ڪمزوري ٻڌايو. يونيورسٽيءَ جي غلط ٽائيم ڪري، وقت سر ماني نه کائڻ ويتر معدي تي خراب اثر وڌس ۽ سندس صحت ڏينهون ڏينهن ڪرندي وئي. کيس پنهنجي زندگيءَ جو سفر پورو ٿيڻ جي خبر اڳ ئي پئجي چڪي هئي، ڏکويل ماءُ کي چوندي هئي :

’امي هاڻي نه بچنديمانءَ ، مان ويندي مانءَ هلي.‘

جڏهن مون کي به آخري خواهش ٻڌائي هيائين، تڏهن مون کيس چيو هو ته اَهڙيون وايون نه ڪر، پر هاڻي ته مان به ٿي پڇتايان ته مون سندس اها خواهش، ته سندس آخري آرام گاهه ۾ سِرن بدران خوبصورت جلد وارن ڪتابن سان ٻڌي وڃي ..... پنهنجي مضمون ۾ چو لکي، مون کي نه لکڻ کپندي هئي.

ثميره پنهنجو سفر پورو ڪري هلي وئي، سڀاڻي مان به هلي ويندس. اسين پراڻي اسٽوري وانگر محض هڪ ياد بڻجي ويندا سين.

كھاڻي / ثميره زرين

# وطن

ٽرين تيز رفتار سان پنھنجي منزل مقصود ڏانھن ڊوڙي رھي ھئي. ھن جا خيال ٽرين جي رفتار کان بہ تيزيءَ سان، ماضيءَ جي زندگيءَ پنيان ڊوڙي رھيا ھئا. آھستي آھستي ٽرين جي رفتار ڌيمي ٿيڻ لڳي. ھن دريءَ کان منھن ڪڍي ٻاھر ڏٺو. وڻ ٽڻ ائين بي تحاشا ڊوڙي رھيا ھئا، ڄڻ ڪنھن جي تلاش ۾ سرگردان ھجن. ھو خود بہ تہ ڪنھن شيءِ جي تلاش ۾ اينترو پري کان اچي رھيو ھو. ھو ان بابت ئي سوچي رھيو ھو. گاڏي پليٽفارم جي حد اندر داخل ٿي. ھن تختيءَ تي لکيل شھر جو نالو پڙھيو. ھن جون اکيون خوشيءَ جي احساس کان چمڪڻ لڳيون. مدت کانپوءِ ھن جي ديرينہ آرزو پوري ٿي رھي ھئي. ھو ڪيترو نہ خوش ٿي نظر آيو - ڄڻ ڪنھن ٻار کي پنھنجو دل گھريو رانديڪو ملي ويو ھجي! ھن پنھنجو سامان اڳ ۾ بند ڪري رکيو ھو - جيئن ھو منزل تي پھچي، تہ زيادھہ ھڪ منٽ بہ ڪانئس جدا نہ رھي. ٽرين بيني ئي مس، تہ ھو ڪمپارٽمنٽ جو دروازو کولي، ھڪ ڪوليءَ کي پنھنجو سامان لاھڻ لاءِ چئي، ھيٺ لٿو. ھن جي قدم قدم مان سرھائيءَ جي ساک ٿي ملي. ھن ھڪ ڀرپور سڪ ڀري نگاھہ پلئٽفارم تي وڌي. ٻي گھڙيءَ، خلاف اُميد، ھن کي ڪجھہ مايوسي ٿي. ڪيس اَٿ سال اڳ جھڙي اھا رونق نظر نہ آئي، جھڙي ھو ھتان وڃڻ وقت اتي ڇڏي ويو ھو. اھو ڏسي، ھن کي سخت افسوس ٿيو. ٽانگي واري کي ھڪ ھوٽل جو پتو ڏيئي، ھو اتي پھتو. شھر جي ڳليءَ ڳليءَ ۾ ھن جي قدمن جا نشان ثبت ھئا. اھي ئي رستا، اھي ئي راھون! ھن ائين محسوس ڪيو، ڄڻ اُھي سڀ گونگيءَ زبان سان ڪيس خوش آمديد چئي رھيا ھئا.

هو آمريڪا کان اچ هتي آيو هو. سندس پيءُ کيس اتي خط لکيو هو ته هوُ امتحان ختم ڪري ڪانپوءِ، پاڪستان - پنهنجي وطن - مان ٿيندو اَچي. کيس هتان پنهنجيءَ ڏاڏيءَ جي تصوير کڻي وڃڻي هئي، جيڪا هو پارت وڃڻ وقت کڻي نه سگهيا هئا، ۽ اتي ئي جڳهه ۾ رهجي ويئي هئي. پٽس انهيءَ لاءِ تاڪيد ڪئي هيس ته ’هينئر منهنجي زندگي ختم ٿيڻ تي آهي، ۽ مان مرڻ کان اڳ، هڪ دفعو پنهنجيءَ مهربان ماءُ جي تصوير ضرور ڏسڻ ٿو چاهيان. منهنجي تمنا آهي ته منهنجو پويون پساهه به اتي پورو ٿئي، جتي مون پهريون ساهه کنيو هو؛ ليڪن منهنجي اها تمنا شايد پوري نه ٿي سگهندي - تون ئي منهنجا سلام منهنجي وطن کي ڏج!‘

هو بت پرست ته ازلي هئا. ڪنهن تصوير جي ايتري پرستش ڪرڻ هنن لاءِ ڪا وڏي ڳالهه ڪانه هئي - پر سندس پيءُ جو اهو جذبو بيشڪ قابل احترام هو. پٽس کي پنهنجي ماءُ لاءِ دل ۾ بيحد عزت هئي. چوندا هئا ته روز صبح جو، آفيس وڃڻ وقت، هو پنهنجي ماءُ کي پيرين پئي ويندو هو. هوءَ به کيس دعائون ڪندي هئي؛ ۽ انهيءَ مهربان ماءُ جي دعائن جي بدولت ئي، هو غريب مان ڦري، امير ٿي پيو هو. هن پنهنجو عاليشان مڪان به ٺهرايو هو، ۽ هڪ موٽرڪار به ورتي هئائين. جڏهن هن جي ماءُ مري ويئي، تڏهن ان جي هڪ وڏي تصوير پنهنجي ڪمري ۾ ٽنگي ڇڏيائين؛ ۽ روز صبح جو آفيس وڃڻ وقت تصوير ۾ ماءُ جي پيرن تي هٿ رکي، سندس روح کي دعا ڪندو هو. ليڪن جڏهن کان هندستان جو ورهاڱو ٿيو هو، هو پنهنجيءَ ماءُ جي تصوير کان به جدا ٿي ويو هو.

راج کي آمريڪا ۾ جڏهن پيءُ جو اهو خط مليو، تڏهن سندس دل پيءُ جي انهيءَ آخري آرزو کي پوري ڪرڻ لاءِ بيچين ٿي ويئي، ۽ هو آمريڪا جي رنگينين کي به ان وقت وساري ويٺو. پيءُ کيس خط ۾ وطن وڃڻ لاءِ ائين ته اسرار ڪيو هو، جيئن ڪو بزرگ پنهنجي اولاد کي حج تي وڃڻ لاءِ همٿائي؛ يا جيئن ڪو پنڊت پنهنجي پياري چيلي کي تيرٿ ياترا جي تلقين ڪري :

هينئر هنن لاءِ پنهنجي وطن جي سر زمين ايترو ئي مقدس هئي!

پيءُ جو خط پڙهي، راج جي دل ۾ به اهي ئي اُمنگ اُسري آيا. هن جي اکين آڏو پنهنجي منڙي وطن جا سادا سودا، محبت ۽ خلوص پريا پيچرا گهمي ويا، ۽ هو وقت جو بيچينيءَ سان انتظار ڪرڻ لڳو ته جلد امتحان ختم ٿئي، جيئن هو پاڪستان وڃي سگهي.

هڪ ڏينهن، هڪ آمريڪن دوست ڪيس واپس وڃڻ لاءِ ايترو اُتاولو ڏسي، چيو :

’تون اِنڊيا وڃڻ لاءِ ته ڏاڍو بيچين ٿو نظر اَچين!‘

’نه، مان پاڪستان وڃڻ لاءِ بيچين آهيان.‘

’پر تون ته اِنڊين آهين !‘

’ها، مگر منهنجو وطن پاڪستان ۾ آهي - ۽ مان اٺن سالن بعد پنهنجي وطن وڃي رهيو آهيان !‘

’چا، تنهنجو وطن بيحد خوبصورت آهي؟‘ امريڪن دوست ڪيس هتان جي رنگينين سان مانوس نه ٿيندو ڏسي پڇيو.

’ها، بيحد خوبصورت ! جيڪڏهن تون اهو منهنجين اکين سان ڏسين، ته توکي منهنجو وطن بيحد خوبصورت نظر ايندو.‘ راج جذباتي ٿي ويو هو. هن جي ذهن جي اُفق تي هڪڙو گنيير فلسفي چهرو اُڀري آيو هو. هو پوءِ ڪيتري دير تائين ان جي سوچ ۾ گم ٿي ويو هو.

اهو ’احمد‘ هو، جنهن سان گڏ هن ڪاليج تائين تعليم حاصل ڪئي هئي. هو سندس پاڙيسري خانصاحب قريشيءَ جو پٽ هو؛ ۽ پيءُ وانگر ئي بلند اخلاق هو. هنن جي ايتري دوستيءَ کي ڏسي، ڪاليج جي اڪثر ڊرامن ۾ کين هيرو ۽ هيروئن جو پارٽ ڏنو ويندو هو. گلابي رنگت ۽ خوبصورتيءَ جي ڪري، راج کي هيروئن جو پارٽ ملندو هو؛ ڊگهي قد ۽ ويڪريءَ ڇاتيءَ وارو فلسفي مزاج احمد، سندس هيرو بڻيو هو.

هن کي ياد آيو .... هڪ دفعي، چاندوڪي رات ۾ ٻنهي باغ ۾ وڃڻ جو پروگرام بڻايو هو. جڏهن چنڊ آسمان جي نيرين گهراين تي جلوه افروز ٿيو، ته

هو گهر ۾ سئنيما جو بهانو ڏيئي باغ ڏي هليا ويا. اُتي هو پاڻيءَ جي حوض ۾ پير لاڙي، فلسفي، سياست ۽ دنيا جي ٻين ڪيترن ئي موضوعن تي گفتگو ڪرڻ ويهي رهيا. جڏهن احمد گنڀير نوع ۾ فلسفي جي ڪا ڳالهه ڇيڙيندو هو، تڏهن راج ائين محسوس ڪندو هو، ڄڻ هن جي اندر ڪنهن يوناني فيلسوف جو روح سمائجي ويو هجي. حوض جي شفاف پاڻيءَ ۾ چنڊ جي سهڻي عڪس کي ڏسي، دفعتا احمد جو رسيلو ۽ سوز ڀريو آواز باغ جي خاموش فضا ۾ گونجي ويندو هو.

’او رهي وڃ رات ٻنيور ۾ ! ..... پيرين پوندي سانِ ......‘

فضا جي مڪمل خاموشي ڄڻ احمد جي راڳ جو ساز بڻجي ويندي هئي. راج راڳ ٻڌڻ ۾ بلڪل بيخود ٿي ويندو هو. خود احمد به چنڊ جي دلڪش عڪس کي تڪيندو، راڳ جي تان سان گڏ، فضا جي لامحدود وسعتن ۾ پرواز ڪرڻ لڳندو هو. جڏهن احمد جو راڳ ختم ٿيو، ته راج ائين محسوس ڪيو، ڄڻ ڪنهن آسمان جي بلندين تان کيس پستيءَ ۾ ڪيرائي ڇڏيو هجي ! احمد کيس ائين محو ڏسي ٽوڪيو هو :

’اڙي، ننڊ اَچي ويئي ڇا؟‘

’آن ..... اوهه ! سچ پڇ ته ننڊ مان سجاڳ ڪري ڇڏيئه !‘ راج کيس چيو هو. احمد جي نگاهه واچ تي پئجي وئي -

’اوهه ، سادا چار ٿيا آهن !‘ ۽ پوءِ هو ٻئي اتي گهر آيا هئا.

راج جيئن چورن جيان گهر وڃڻ لڳو هو، تيئن پهريدار کيس ڏسي ورتو؛ ۽ صبح جو پڻس وٽ چغلي هنيائين. ’ انهيءَ تي پڻس سخت ڇينڀيو هو. صبح جو احمد کيس ٻڌايو :

’راج اَمان ايترو ته ناراض ٿي آهي - ايترو ته ناراض ٿي آهي، جو بس! چوي پيئي، ’شرم نٿو اچيئي، ساري ساري رات ٿو غائب رهين !‘ جڏهن مون کيس ٻڌايو ته راج مون سان گڏ هو، تڏهن بس ڪيائين.‘

راج کان ٽهڪ نڪري ويو : ’اڙي مون سان به ائين ٿيو ! صبح پتاجيءَ مون

ڪي چيو، ايتري دير اڪيلو ڇا پئي ڪيئہ؟ نالائق .....' مون ڪيس چيو، 'پتاجي، مان اڪيلو ٿوروئي هوس .....'، تہ پڇيائين : 'تڏهن ٻيو ڪير هو توسان گڏ؟'

'احمد !'

'هون ! ۽ پتاجيءَ جو غصو ٿڌو ٿي ويو. مون ڪي تنهنجي نالي جي اثر تي سچ پچ ڏاڍي حيراني ٿي؛ ۽ مان ٻاهر اَچي ڪلي وينس.'

راج جي ذهن ۾ ماضيءَ جي يادگيرين جا ڪيترائي ديپڪ جڳمڳ ڪرڻ لڳندا هئا. اڄ هو پنهنجي وطن آيو هو، ۽ هن جي سالن جي سڪ پوري ٿي.

هوٽل ۾ ڪاڏي ۽ رهڻ جو ضروري بندوبست ڪري، هو ٻاهر نڪتو. ڪيترائي جاتل سڃاتل رستا ۽ چونڪ لتاڙي، هن جا قدم هڪ عاليشان جاءِ جي اڳيان اَچي خود بخود بيهجي ويا. اڳتي وڌي هن دروازو ڪڙڪايو. اندران هڪ سانورو ڇوڪرو ٻاهر نڪري آيو. ڇوڪرو سنڌي بلڪل نٿي لڳو. هو مايوس ٿي ويو.

'ڪهڙو ڪم آهي؟' ڇوڪري اڊنگائيءَ سان سوال ڪيو.

'تو ڪان ڪو وڏو اندرهجي تہ ان کي موڪل.'

ڇوڪرو اندر هليو ويو. ڇڱيءَ دير بعد هڪڙو ماڻهو ٻاهر آيو. اهو شايد ڇوڪري جو پيءُ هو.

'فرمايو؟' هن ڪڙڪ لهجي ۾ چيو.

'مان هيءُ مڪان ڏسي سگهان ٿو؟ صرف ڪجهہ دير واسطي.'

'اوهين ڪير آهيو اسين جي مڪان کي ڏسڻ وارا؟'

هن نرميءَ سان ڳالهائڻ تہ شايد گناهہ ٿي سمجهيو. راج کي پنهنجي عجيب مبهم سوال جو احساس ٿيو. هن وضاحت ڪئي :

'جناب ! هيءُ مڪان منهنجو آهي. يعني نو سال اڳ هيءُ منهنجي ملڪيت هو : ۽ هينئر مان فقط ٿوريءَ دير لاءِ ڏسڻ ٿو چاهيان. منهنجو ٻيو ڪو مقصد ڪينهي - در اصل انهيءَ جڳهہ جي اندر....'

هن جملو اڌ ۾ ڪٽي بگڙيل سنڌيءَ ۾ چيو :

هي مڪان اسين الاٽ ڪرايو آهي، صاحب ! اسان جو پارٽ ۾ هن ڪان بہ

عاليشان ڪوٺي هو !‘ ۽ هو پنهنجي پوئين هسٽري وڏي واڪ پڙهڻ ۾ لڳي ويو.

راج جي چهري تي بيزاريءَ جا اهڃاڻ تري آيا.

’پر صاحب ! هينئر ڪهڙو ڪمبخت اوهان کان هيءَ جاءِ کسڻ ٿو چاهي؟ مان تہ صرف ڏسڻ لاءِ ٿو چوان. ۽ ....‘

’جناب! هن متعلق اوهان ڪسٽوڊين سان بات ڪري سگهو ٿا !‘ ائين چئي، هن جواب جي انتظار جي ضرورت نہ ڄاڻي، دروازو بند ڪري ڇڏيو. راج انهيءَ بد تهذيبيءَ تي حيران رهجي ويو.

’خود پنهنجي وطن کان دور ٿي ڪري، هيءُ مون بي وطن جي هن سڪ جو احساس چڱيءَ طرح ڪري سگهيو ٿي ....‘ پر هن تہ سندس بي انتها سڪ کي ٺوڪر هڻي ڇڏي! ’اُف، اسان انسانن جي دلين ۾ هڪ ٻئي لاءِ ڪيتري نہ نفرت پيدا ٿي چڪي آهي !‘ راج سوچيو. هن هڪ نگاهہ جاءِ تي وڌي - اُها جاءِ، جنهن ۾ هن زندگيءَ جا ٽيويهہ سال گذاريا هئا. جنهن گهر ۾ هن جمڻ سان اکيون کوليون هيون؛ اڄ انهيءَ آکيري اڳيان هو پڃري ۾ پيل بيوس پکيءَ جيان تڪي رهيو هو. حيران ۽ ششدر!

هن ڏٺو تہ سندن وڃڻ کان پوءِ اُنهيءَ جڳهہ جي مرمت بلڪل نہ ڪئي ويئي هئي. دروازي تي چڙهيل ’بگن بوليا‘ جي ول بہ سڙي ويئي هئي؛ پر اها سڙيل ول، اڃا بہ ڪنهن جي بهار جو يادگار بڻي، اتي جي اتي چڙهي پئي هئي ! رنگبرنگي گلن ۽ مکڙين جو تہ اتي پتو ئي ڪونہ هو. ڪيترو نہ ڏک ٿيو هوندو راج کي، اهو سيڪجهہ ڏسي !

هن جو ڪمرو ٻيءَ منزل تي هو. هن جي نگاهہ بي اختيار پنهنجي پراڻي نشيمن ڏانهن کڄي وئي. ڪيس روشندان ۽ رستي کان ڪلنڊر دريءَ مان دونهون نڪرندو نظر آيو. هن جي دل کي ڄري اَچي ويئي. لونءَ لونءَ لوساڻجي ويئي. هن جي ڪمري کي بورچيخانو بڻايو ويو هو! جنهن ڪمري کي هن سدا صاف ۽ سينگاريل رکيو ٿي؛ جنهن ۾ ساهہ کي سيبائيندڙ ٿڌاڻ ۽ فرحت پئي

محسوس ٿيندي هئي - اڄ سندس انهيءَ ڪمري ۾ مسلسل باهه ٻري رهي هئي! ’شايد تڏهن ئي منهنجي دل ۾ ايتري سوزش محسوس ٿيندي هئي!‘ راڄ سوچيو : ۽ يڪا يڪ هن جي ڪنن ۾ جڳهه جي نئين مالڪ جا گفتا گونجڻ لڳا : ’پارٽ ۾ اسين جو هن ڪان به وڏو عاليشان ڪوٺي هو !‘ تڏهن ئي ته جڳهه جو صحيح استعمال ٿي رهيو آهي.‘ راڄ پٽڪيو.

هن هڪ سرسري نگاهه پاڙي جي جڳهين تي وڌي. خانصاحب قريشيءَ جي بلند ديوارن واري بلند عمارت ائين بيٺي هئي، جهڙي هو ڇڏي ويو هو. انهيءَ گهڙيءَ خانصاحب قريشيءَ جي جاءِ مان اٽڪل سترهن ورهين جو هڪڙو ڇوڪرو ٻاهر نڪتو. راڄ جون نگاهون هن جي چهري تي ڪپي ويون. ڇوڪرو هن جي ويجهو اَچي، مٿس سرسري نگاهه وجهي، اڳتي وڃڻ لڳو. راڄ کي ڇوڪري جا مهانڊا مانوس معلوم ٿيا. هن اڳتي وڌي ڇوڪري جي ڪلهي تي هٿ رکيو. ڇوڪرو البت واٽڙو ٿي ويو.

’تون خانصاحب قريشيءَ جو پٽ شفيق آهين نه؟‘ راڄ هڪدم پڇيو.

’جي ها. فرمايو اوهان جو مون ۾ ڪهڙو ڪم آهي؟‘

’اوهه ! تون مون کي نٿو سڃاڻين؟‘

شفيق، راڄ جي چهري کي چتائي ڏٺو؛ پر هو ڪيس سڃاڻي نه سگهيو -

’جي نه ....‘

’مان وشنداس جو پٽ راڄ آهيان !‘

’ادا، توهان آهيو !‘ شفيق بي اختيار راڄ کي ڀاڪر پاتو. راڄ جي دل خوشيءَ وچان ٽڙي پيئي، شفيق پوءِ راڄ کي پنهنجي گهر وٺي ويو.

’احمد ڪٿي آهي؟‘ راڄ پڇيو.

’ادا احمد حيدرآباد آهي. هينئر هو اتي انجنيئر آهي.‘

’هون ! گهر سڀ خيريت آهي نه؟ امان جن ته خوش آهن؟‘

’ها، سڀ خيريت آهي. چاچا خوش آهي؟‘

’جي ..... خانصاحب جن ڪٿي آهن؟ مان ساڻن ملڻ ٿو چاهيان.‘

’خانصاحب ....‘ شفيق هڪدم اُداس ٿي ويو. هن جي چهري تان اها سموري خوشي ڄڻ ٻَرَ ڪري اُڏامي ويئي، جيڪا گهڙي اڳ هن راج کي ملڻ سان محسوس ڪئي هئي.

’خانصاحب گذاري ويو، راج!‘ شفيق گهٽيل آواز ۾ چيو. هن جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا.

’اوهه !‘ راج جي هٿن مان ڄڻ ڪجهه ڪري پيو. هن جي اکين آڏو خانصاحب جي پر عظمت تصوير ڦري وئي. خانصاحب، جيڪو نه هندو هو، نه مسلمان. جيڪو محض انسان هو - هڪ عظيم انسان ! هو وڏي عهدي تي فائز هو، ليڪن ان جو ڪيس ذرو به تڪبر ڪونه هو. آفيس کان ٽڪجي اَچڻ کان پوءِ به جيڪڏهن ڪو غريب وٽس ڪا معمولي درخواست ئي کڻي ايندو هو، ۽ هو ان وقت خواهه ماني چو نه پيو کائيندو هجي، نه اڌ مان اٿي به، هو ان جي خاطرخواه مدد ڪندو هو. هن جي در تان ڪو به ضرورتمند هٿن خالي واپس نه موٽيو هو. هو غريبن جي مفاد لاءِ ڏينهن رات ڪوشش ڪندو هو. ليڪن جتي هزارين غريب هجن ۽ هزارين انهن جو خون چوسيندڙ، اتي هن هڪ جي ذاتي مدد پلا شهر جي ڪيتري غربت ٿي دور ڪري سگهي؟

خانصاحب سان سندن واقفيت محض پاڙيسري هجڻ ڪري هئي؛ ليڪن خانصاحب جي بلند ڪردار۽ حليم طبيعت کين ڇڪي، پاڻ جي ايترو نه ويجهو ڪري ڇڏيو، جو هو هڪ گهر جا ڀاتي معلوم ٿيندا هئا. هڪ دفعي راج جي پيءُ تي ڪنهن شڪ ۾ ڪوڙو مقدمو ٿي هلايو ويو. هو خانصاحب وٽ مدد لاءِ ويو. اول ته خانصاحب لڪل طور اها جاچ ڪئي ته برابر هو بيگناهه آهي؛ ۽ جڏهن کيس پتو پيو ته هو واقعي بيقصور آهي، تڏهن خود پاڻ کي جوکي ۾ وجهي، هن سندس مدد ڪئي هئي - ايتري قدرجو لڳاتار ڏڪ ڊوڙ ڪري، کيس سخت بخار به اچي ويو هو. ان کان پوءِ هي ٻئي پاڙيسري هڪ ٻئي جا گهاٽا دوست بڻجي ويا.

راج جي ذهن جي افق تي هڪ پر عظمت، شفقت ڀريو چهرو اُڀري آيو ۽

هن جون اکيون ڳوڙهن سان ترتي ويون. هو اڃا خيالن جي دنيا ۾ الائي ڪيترو وقت گم رهي ها، تہ شفيق جي آواز کيس پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪيو :

’ادا، توهان هاڻي اسان وٽ رهندوَ نہ؟‘

’ها، ڇو نہ رهندس!‘ راڄ جواب ڏنو.

ڪن رڪي، راڄ چيو : ’اسان سانول سنگهہ کي چئي ويا هئاسين تہ هو جڳهہ توهان کي ڏئي؛ پوءِ توهان نہ ورتي ڇا؟‘

’ها، سانول سنگهہ برابر خانصاحب کي چيو هو، ليڪن خانصاحب کيس انڪار ڪيو هو. خانصاحب چيو هو تہ ’اول تہ اسان کان وڌيڪ جڳهہ جي انهن کي ضرورت آهي، جيڪي اُتي پنهنجو سڀڪجهہ ڇڏي آيا آهن‘؛ تنهنڪري .....‘

جملو اڌ ۾ ڪٽي، راڄ چوڻ لڳو :

’ها، ائين برابر آهي. منهنجو اهو مطلب هرگز نہ هو تہ هو ڇو ويٺا؟ اهي ۽ اسين تہ هڪجهڙا آهيون - ٻئي بيوطن ! اسان کي تہ هڪ ٻئي سان وڌيڪ ويجهڙائي هئڻ گهرجي. باقي اڳ .... اسان کي اها خبر ٿورو ئي هئي تہ پنهنجي وطن ۾ هيئن اَجنبي مهمانن جيان اچڻو پوندو!‘ راڄ جو آواز ڏک سان پرجي ويو.

شفيق کيس ٻڌايو :

’خانصاحب چوندو هو تہ هندوستان ۽ پاڪستان جي فضول جهڳڙن ڪري، ٻنهي ملڪن کي جيڪو بہ لٽ جو مال هٿ آيو آهي، انهيءَ کي شوق سان وٺي پنهنجن گهرن کي سينگارڻ بہ انسانيت جي وڏي توهين آهي! ادا، توهان اعتبار نہ ڪندا تہ اسان انهن مان هڪ بہ چيز نہ ورتي آهي، جيڪي ان وقت مٽ پيڙن تي وڪامجي رهيون هيون!‘

راڄ، خانصاحب جي ايڏي بلند خياليءَ تي حيران هو.

اَهڙيءَ طرح شوق سان شيون خريد ڪري، پنهنجن گهرن کي سينگارڻ مان تہ انهن ماڻهن جي اها ذهنيت ٿي ظاهر ٿئي تہ هو اهڙن خوني جهڳڙن

جا شوقين آهن؛ ۽ اهڙا افسوسناڪ ۽ دل ڏاريندڙ منظر سندن دلين ۾ ڪوبہ کهڪاءُ يا انساني همدرديءَ جو جذبو نٿا پيدا ڪن؟ خانصاحب اسان کي ائين ئي سمجهايو هو.' شفيق پڙايو.

راج پوءِ شفيق کان موڪلائي، ٻئي ڏينهن هوٽل تي ملڻ جو واعدو ڪري موٽي هوٽل تي آيو. ماني کائي، آرام جي ارادي سان ليٽي پيو. ليٽي ئي ليٽي هن جي ذهن آڏو ماضيءَ جا لتاڙيل اڪيچار منظر گهمي ويا. ڪيس اهو وقت ياد اچي رهيو هو، جڏهن هن جي پهرئين پيار جنم ورتو هو .... يڪايڪ هن جي اکين اڳيان ڀيڻ جي شاديءَ وارو منظر گهمي ويو.

هو شاديءَ جي انتظام ۾ مشغول هو. پنڊت منتر پڙهي چڪو هو. ٻاهر شرنائيءَ رخصتي گيت ڇيڙي ڇڏيو. بينڊ هڪ درديلو سر آلاپي رهي هئي. سندس ماءُ ۽ پيءُ جون اکيون بار بار ڇلڪي رهيون هيون، ۽ خود بہ بيحد اداس هو. اهو کهڙو نہ عجيب منظر هوندو آهي، خوشيءَ ۽ غميءَ جي گڏيل احساس وارو ! گهوٽيتن جي خوشيءَ جو تہ ڪو نڪاٿو ئي نہ هوندو آهي، ۽ ڪنواريتن جي دلين تي خوشيءَ سان گڏ غم جي لهر بہ ڇانيل هوندي آهي!

هو سڏڪا ڀريندي ڀيڻ کي هميشه لاءِ هن گهر مان وٺي ڪار ۾ ويهارڻ لڳو ..... تہ گهوٽ وارن جي ڇڄ مان هن کي هڪ صبيح چهرو نظر آيو - جارجٽ جي ستارن لڳل آسماني رنگ جي ساڙهيءَ ۾ ملبوس جواني ! ان وقت هن کي ائين محسوس ٿيو هو، ڄڻ تارن ڀريل آسمان تي چوڏهينءَ جو چنڊ چمڪي رهيو هجي. هن جون نگاهون انهيءَ ڇهري کي چمڻ لڳيون .... ۽ .... ۽ هن جي دل گم ٿي ويئي.

ساهيڙين 'بابل' جو گيت ڇيڙي ڇڏيو. شرنائيءَ جي سوز ڀرئي آلاپ سان ڪيترن جي اکين ۾ پاڻي اَچي ويو. راج اکيون کڻي مٿي ڏٺو تہ انهيءَ آسماني ساڙهيءَ واريءَ جي اکين ۾ بہ ستارا چمڪي رهيا هئا. راج جي اداس دل کنهن خيال کان مشڪي ڏٺو - 'ڪنهن ڏينهن پاڻ بہ تہ ائين ويندينءَ!' هن سوچيو.

هوءَ راج جي ڀيڻ جي ساهرن جي رشتيدار هئي. شاديءَ کان پوءِ، جڏهن

’نمو‘ روز وڌن ايندي هئي، تہ گهٽو ڪري ’آشا‘ کي بہ ساڻ وٺي ايندي هئي. راج جي دل بہ خوشيءَ سان پرجي ويندي هئي! هو سيني جي موجودگيءَ ۾ ڳالهائيندا هئا. سندن اکين مان ڇلڪندڙ چاهہ جي جذبي هڪ ٻئي کي اهو چڱيءَ طرح ڄاڻائي ڇڏيو تہ ’منهنجي دل ۾ تون آهين !‘

راج خيالن ئي خيالن ۾ الائي ڪيترا محل تعمير ڪندو هو. سندن ملڻ ۾ ڪابہ رڪاوٽ ڪانہ هئي. ذات ساڳي هين. آشا امير هئي، تہ راج بہ امير هو ۽ ان ڪان وڌيڪ جيڪڏهن ڪي رڪاوٽون پيدا بہ ٿين ها، تہ راج پنهنجي پيءُ جو لاڏلو پٽ هو ۽ کيس اهو چڱيءَ طرح معلوم هو تہ سندس پيءُ هن جا جذبا هرگز ڪين ڏکوئيندو. کيس پنهنجي محبتا تي ناز هو. ليڪن، قدرت تہ ڪنهن جا لاڏ سهڻ واري نہ هئي؛ ان راج جو لاڏ بہ نہ سنو. هو دل ۾ ارمانن جا محل تعمير ڪري رهيو هو، تہ پاڪستان ٿي ويو. هندستان جو ورهاڱو ٿيو. چوطرف گهور انڌيرو ڇانئجي ويو. انهيءَ افراتفريءَ جي عالم ۾ ڪي ڪٿي ڀڳا، تہ ڪي ڪٿي. راج بمبئيءَ هليو آيو..... ۽ هوءَ الائي ڪٿي ويئي؟ کيس تہ اها بہ خبر نہ هئي تہ هوءَ الاجي زندهہ بہ آهي، يا موت جو شڪار ٿي ويئي. آشا هن جي دل کي نراشا سان پري هلي ويئي - الاجي ڪٿي؟ ليڪن اڄ بہ سندس ياد جو ديپڪ، راج جي دل ۾ جوت جلائي رهيو هو.

راج جون اکيون ڳوڙهن سان تمتار ٿي ويون ..... رات جو ڪيتري دير تائين، هو يادگيرين جي ٽم ٽم ڪندڙ ديپن کي پنهنجين آلين اکين سان تڪيندو رهيو.

صبح جو هو شفيق جي انتظار ۾ هوٽل تي ئي ترسيو رهيو. هاڻي تصوير ملڻ جي اميد بيڪار هئي. پلا، انهيءَ چيز لاءِ ٻئي ڪنهن جي دل ۾ ڪهڙي اهميت هئي. ڪنهن ماءُ جي تصوير جي حفاظت جي ضرورت ئي ڪنهن کي هئي؟ هتي تہ هرڪنهن کي پنهنجي سر جي اَچي لڳي هئي. هزارين مائرون مري چڪيون هونديون، ۽ هزارين املهہ تصويرون مٽيءَ ۾ ملي ويئون هونديون : ’پر جيڪڏهن امان جي جڳهہ خانصاحب جي حوالي هجي ها تہ اها تصوير تہ ڇا، ان جي مٽي بہ امانت با سلامتي ملي وڃي ها!‘

هن کي جڳهہ جي تہ پرواهہ ڪانہ هئي. اهو تہ اجايو تعصب هو، جو

هڪجھڙا انسان پاڻ لاءِ دل ۾ ايتري نفرت پيدا ڪرڻ لاءِ دل ۾ ايتري نفرت پري وينا هئا؛ ورنہ ٻنهي قومن جي هنن بيوطن پيائرن کي تہ پنهنجيءَ هڪ ٿي مصيبت جو احساس ڪرڻ کپندو هو - ليڪن بجاءِ ان جي، هو هڪ ٻئي جي خون جا پياسا هئا !

شفيق آيو، تہ هو ان سان گڏ شهر گهمڻ ويو. هن ڏٺو تہ گليءَ گليءَ جي موڙ وٽ پان ۽ سگريٽ جا دوڪان کلي ويا هئا. ڪنهن جي بہ ڏندن ۾ ڪيس اها شفاف چمڪ نظر نہ آئي، جيڪا ڪير مکڻ کائيندڙ سنڌين جي ڏندن ۾ نظر ايندي هئي. هن بزارين ڏٺيون، جتي ڪيمخواب ۽ بنارسي ساڙهيون بي انداز ملنديون هيون، ۽ جتي پري پري جا سينيون اَچي ڏاجو وٺندا هئا. اڄ انهن دڪانن تي معمولي ڪپڙا رکيا هئا. شفيق ڪيس ٻڌايو تہ هتي ڪابہ چيز سني نٿي ملي. بزارن ۾ جتي اڳي منائيءَ جا وڏا دوڪان هوندا هئا، هينئر اتي کلف ناهڻ وارن جا دوڪان ۽ چاپيون ناهيندڙن جي پڙين جون قطارون لڳل هيون. شفيق ڪيس ٻڌايو تہ شهر ۾ چوريون ڏاڍيون وڌي ويون آهن؛ ڪا بہ سلامتي ڪين رهي آهي. راڄ جي دل اندر ئي اندر گهٽجي رهي هئي. هو اڳتي هلندا ويا. ڪيترين جاين ڊٺيون پيون هيون. صفائيءَ جو اڳي جهڙو انتظام ڪونہ هو. چمڪندڙ سڙڪون گند سان پريون پيون هيون، ۽ منجهن وڪ وڪ تي ڪڏون کوٻا ٿي پيا هئا. راڄ هرهڪ ماڻهوءَ جي چهري کي غورسان جاچيندو رهيو. ڪيترا سنڌي بہ هن جي نظرن اڳيان گذري ويا هئا. ڪيس ڪٿي بہ اها ملاحت نظر نہ آئي، جيڪا کير پيئندڙ سنڌين جي چهرن تي هوندي هئي. ذري ذري تي چانهہ جا دوڪان جڻ وڏي واڪ چئي رهيا هئا تہ 'انهن جي ملاحت اسان چورائي آهي !'

شفيق چوڻ لڳو : 'وطن آهي، تنهن ڪري چڏي نٿو سگهجي؛ باقي پارٽيشن کان پوءِ تہ اسان جي سنڌ بنهہ تباهہ ٿي ويئي آهي!'

'افسوس! منهنجي منڙي سنڌ، تنهنجو رنگ ڪيڏو نہ جهڪو ٿي ويو آهي! اڳين تہ ڪا بہ چيز نٽي نظر اَچي؛ سيڪجهہ بدلجي چڪو آهي ! ۽ هينئر جيڪو رنگ تنهنجي مٿان زبردستيءَ چاڙهيو پيو وڃي - زبردستيءَ

جو رنگ -، اُهو ..... اُهو ڪيترو نہ بدنما آهي ! تنهنجو اُهو اڳيون اکين کي آسائش بخشيندڙ رنگ ڪيڏانهن ويو؟ هي توسان ڪنهن ظلم ڪيو آهي؟ ..... پر تون سڃاڻ چو نٿي ٿين؟ اُٺ، وري اهو ئي رنگ حاصل ڪر- تنهنجو پنهنجو رنگ ! .... تون تہ سنڌ بلڪل نٿي لڳين ! ...... پر اهو اسان جو ئي قصور آهي .... اهو اسان جو ئي قصور آهي .....!' راج جي دل ڏک ۽ جوش جي جذبن سان پرجي ويئي. هن اُهو باغ بہ ڏنو، جتي احمد جا دل نشين نغما، چانڊوڪي راتين ۾ چنڊ کي وچي چمندا هئا، 'اڄ اُهي گل ڪٿي .... اِهي بلبلون ڪيڏانهن اُڏامي ويون؟'

شفيق، راج جي خيالن کي ٽوڙي ڇڏيو : 'ادا، توهان ڪيترن ڏينهن جي پرمٽ ڪڍائي آيا آهيو؟'

راج جي چپن تي هڪ اُداس مرڪ ڇانئجي وئي.

'مان ڪيترن ڏينهن جي پرمٽ ڪڍائي آيو آهيان؟' راج آهستي دهرايو : 'شفيق ! جيڪڏهن منهنجي وس ۾ هجي، تہ مان هوند ساري زندگيءَ جي پرمٽ ڪڍائي اَچان، پر..... اها منهنجي وس جي ڳالهہ ڪانهي!'

'ادا، بمبئي شهر سٺو آهي؟' شفيق اشتياق مان پڇيو.

'ها، بيحد!' راج عجيب انداز سان شفيق ڏانهن نهاري چيو. راج جون اکيون چڻ چئي رهيون هيون : 'تون منهنجي جاءِ تي هجين، تہ خبر پوئي تہ بمبئي سٺي آهي يا ... يا پنهنجو وطن !'

'شفيق! مان خانصاحب جي تربت جي زيارت ڪري سگهان ٿو؟' راج بلڪل اوچتو سوال ڪيو. شفيق سوچ ۾ پئجي ويو - 'الائي شريعت ۾ ائين هجي، الائي نہ؟' هن اکيون مٿي ڪٽي راج ڏانهن ڏٺو. ڪيس ان جي اکين ۾ سڪ جو ساگر ڇوليون هڻندو نظر آيو. شفيق سوچيو : 'قوم جي وڏن ليڊرن جي تربت تي جو هر مذهب جا ماڻهو عقيدت جو اظهار ڪرڻ لاءِ ايندا آهن - پوءِ؟ شريعت تہ انهن سان بہ لڳو آهي !'

'ها ادا، ڇو نہ!' شفيق جواب ڏنو.

شفيق ۽ راج پوءِ گڏجي قبرستان آيا. قبرستان جي ٻاهر ئي راج پنهنجو بوٽ لاٿو؛ مٿي تي رومال رکي، هو سراپا عقيدت بڻجي اندر گهڙيو. شفيق کيس ڳاڙهي پٿر جي هڪ تربت ڏيکاريندي چيو: ’هيءَ مرحوم خانصاحب جي تربت آهي.‘

راج ڏٺو تہ خانصاحب جي تربت بہ، خود اُنهيءَ وانگر، سيني کان نرالي لڳي رهي هئي. هن جي تربت ٻين ڪيترين تربتن وانگر اوچي نهيل ڪانہ هئي، جنهن مان تڪبر ۽ وڏائي ظاهر ٿئي، بلڪ انهيءَ تربت ۾ کيس عجيب سادگي نظر آئي. هن جا هٿ مٿي کڄي ويا، ۽ هو اُنهيءَ خالق کي هن مقدس روح کي آرام ڏيڻ لاءِ التجا ڪرڻ لڳو، جيڪو هر مذهب جي هر انسان جو اڪيلو خالق آهي.

راج جون اکيون ڳوڙهن سان ترٽي ويون. هن کي ائين محسوس ٿيو، ڄڻ خانصاحب جو مشڪندڙ چهرو قبر مان اُڀري، سندس مٿي تي شفقت جا هٿ ڦيري رهيو آهي.

پوءِ .... ڪيتري دير کان پوءِ ، هو ٻئي ڄڻا اداس دل سان گهر هليا آيا.

شري **سترامداس جڙياسنگهاڻي ’سائل‘** (جنم 14 فبروري 1914) کي حياتيءَ جا سؤ سال ماڻڻ لاءِ سنڌي سماج طرفان مبارڪون



15 فبروري 2014 تي جنم شتابديءَ جي موقعي تي احمدآباد جي هڪ هوٽل ۾ پريوار ۽ سنڌيت پريمين سان گڏ ڪيڪ ڪٽيندي

ليک/ نصير مرزا

# سدا حيات - ثميره زرين !

ثميره زرين ڪهڙي اسٽيشن تي لاٿي ويئي؟
زنجير ڪنهن ڇڪي هئي
۽ اِها سيني ڪي سُڌ آهي،

تہ هوءَ سنڌالاجي ۾ جاب ڪندي هئي، ..... ۽ اتي ئي هن ڪي صدما ڏيئي، ابدي ننڊ سمهڻ تي مجبور ڪيو ويو .....

۽ سڀ ڄاڻن ٿا، ثميره فرسٽ ڪلاس ڪمپارٽمينٽ جي اديبہ هئي، سڄي ڄمار هن ٿرڊ ڪلاس ۾ سفر ڪيو، ۽ ان جي باوجود، فرسٽ ڪلاس ادب هوءَ پروڊيوس ڪندي رهي.

..... ۽ اِهي مٿيان جملا، ڪيئي سال اڳ ثميره زرين جي ڪمهلي لاڏاڻي جي پس منظر ۾ منهنجي دوست طارق عالم پنهنجي لکيل مونولاگ ڪهاڻي 'ٽڪندا چوڪندا دائرا' ۾ لکيا هئا.

۽ مون کي اهو بہ ياد آهي تہ، اُهو 1977 جو آگسٽ مهينو هو. اسين لطيف آباد جي هڪ اُجاڙ قبرستان ۾ شڪارپور جي مٽيءَ کي دفنائڻ لاءِ اتي موجود هئاسين. سائين نثار حسيني، سائين ظفر حسن شاه (۽ اُهي اڄ پاڻ بہ مٽيءَ سان ملي مٽي ٿي ويا آهن)، آئون، طارق عالم، ادا اياز عالم، امداد حسيني، حميد سنڌي، فتاح ملڪ .... ۽ ٻيا بہ ڪيئي اڪيچار اديب، شاعر، دانشور ..... ۽ ان ڳالهہ کي بہ اڄ لڳ ڀڳ ٽيهہ سال گذري چڪا آهن.

1944 ، هن جي جنم جو سال هو. هن وقت حيات هجي ها تہ 63 ورهين جي هجي ها. هڪ گريس فل خاتون ۽ وصال وقت هن جي عمر ئي ڇا هئي؟ صرف 33 سال ! ۽ ڪيڏو نہ تعجب ٿو لڳي تہ ان ڄمار تائين، هوءَ سنڌي ادب

کي سؤ کان وڌيڪ افسانہ لکي ڏيئي چڪي هئي جن ۾ ’وطن‘ ۽ ’آئون اها مارئي‘ جهڙا شاهڪار افسانہ بہ شامل آهن.

حيرت حيرت ادي ثميره زرين سان منهنجي روبرو ملاقات ڪڏهن بہ ڪانہ ٿي ..... عجيب اتفاق. سنڌالاجيءَ تائين آئون ڪيئي ڀيرا هن جي آفيس جي ٻاهران ٿي آيو هوندس، پر سياوَ ۾ حجاب سبب، ڪڏهن همت ئي ڪانہ ٿيم تہ، هن سان اندر وڃي ملي اچان. ها! هن سان ملاقات منهنجي ٿي، تہ بس ايتري جو، هن جي ڏولي کڄڻ واري جلوس ۾ شامل هوس ۽ جنهن وقت هُن جي ڏولي کنئين پئي ويئي، آئون ايڏو تہ شرميلو هوس جو نگاهہ کڻي گلن ۾ ڪنهن ڪنوار جيان ويڙهيل ان ثميره زرين کي ڏسي ئي نہ سگهيس.

آخر گهر مان رخصت ٿيندڙ ڀيڻ کي ڏسڻ لاءِ پاءُ وٽ، همت بہ تہ هجڻ گهرجي نہ !؟

۽ جيڪا افسوس، روايتي پائرن وانگر مون ۾ هئي ئي ڪونہ ! ..... ۽ هاڻي جڏهن هن جي وفات کي 33 ورهيہ گذري چُڪا آهن. ياد پيو اَچيم تہ منهنجي شهر حيدرآباد جي ڌرتيءَ کي بہ قدرت ڇا تہ عجيب سعادت ڏيئي ڇڏي آهي ۽ اُها سعادت هيءَ، تہ ثميره زرين بہ ان ئي شهر ۾ ابدي آرامي آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو پهريون ناول نگار قليچ بيگ، پهريون جديد سنڌي ڪهاڻيڪار نادر بيگ مرزا، ۽ علاوه ازين ع. ق. شيخ، حفيظ شيخ، ممتاز مرزا ۽ قاسم علي شاه پڻ سکون سان ستا پيا آهن.

هر ماڻهو هڪ ڪهاڻي آهي ۽ پويان ڪي نہ ڪي يادون ڇڏي، آخر هن کي هليو ئي وڃڻو آهي. پر مٿي جن ڪهاڻيڪارن جو مون نالو کنيو آهي اُهي محض عام ماڻهو ئي ڪٿي هئا، اُهي تہ وڏا ڪهاڻيڪار هئا ۽ هاڻي جڏهن ناهن، تہ صرف پنهنجي ئي ڪٿي الائي ڪيترن ڪردارن جون لازوال آکاڻيون پويان ڇڏي ويا آهن ۽ پڪ اٿم جيستائين ادب آهي ۽ سنڌي ادب ...... ! هو پنهنجن انهن سرجيل ڪردارن جي ڪهاڻين سميت، زنده آهن ۽ سدائين زنده رهندا.

# مرحوم ثميره زرين

[محترم فهميده حسين صاحبہ تاريخ 28 آگسٽ 1972ع جي روزانہ هلال پاڪستان جي ادبي صفحي ’سگهڙين سٿ‘ لاءِ مرحوم ثميره زرين صاحبہ کان هڪ انٽرويو ورتو هو جنهن کي نئين زندگيءَ جي پڙهندڙن لاءِ ضرورت آهر روزانہ هلال پاڪستان ڪراچي جي شڪريہ سان پيش ڪجي ٿو.]

سنڌي ادب ۾ موجوده دور کي افساني يا ڪهاڻيءَ جو دور سڏجي تہ غلط ڪو نہ ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ هن دور ۾ افسانو نہ صرف ٻين صنفن کان وڌيڪ لکيو ويو آهي، پر ان ۾ حقيقت نگاري، سنڌي ماحول جي عڪاسي ۽ سنڌ جي مسئلن جي اپٽار اڳي کان وڌيڪ اثرائتي نموني ٿيل آهي. هن دور جي افسانن پڙهڻ سان سنڌي عوام جي موجوده رجحانن ۽ لاڙن جي چڱي پر جاڻ پوي ٿي. فني لحاظ کان بہ هن دور جو افسانو اڳي کان وڌيڪ ڪامياب آهي. افسانو جديد ادب جي هڪ اَهڙي صنف آهي، جيڪا گهڻي پراڻي ڪانهي پر تڏهن بہ تمام گهڻي مقبول آهي. هن ۾ دنياوي توڙي روحاني ڪيفيتن جي عڪاسي ۽ انساني جذبن احساسن جو اظهار ۽ انهن جي ترجماني ڪرڻ ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سولي ۽ پر اثر ٿئي ٿي. سنڌيءَ ۾ افساني جي ابتدا انگريزن جي دور ۾ ٿي، پر صحيح معنيٰ ۾ ان جي ترقي ۽ واڌارو ورهاڱي کان پوءِ ٿيو. اديبن ان ۾ نوان نوان ڪامياب تجربا ڪيا ۽ ائين موجوده دور جو مختصر افسانو وجود ۾ آيو.

انهيءَ دور ۾ جتي مرد اديبن مختصر افسانيءَ کي اوج تي رسايو اتي اسان جون اديب ڀينرون بہ پٺتي ڪونہ رهيون، جن مان ثميره زرين بہ هڪ آهي. هن دور جي شروعات ڪندڙ انهن عورتن ۾ ثميره زرين جو (بقول سندس) ٽيون يا چوٿون نمبر هو. ڪانئس اڳ ياڳڏ لکڻ وارين اديبائن لکڻ ڇڏي ڏنو آهي، پر پاڻ اڃا تائين لکندي اچي. ويجهڙائيءَ ۾ سندس ڪهاڻين جو مجموعو 'گيت اُڇايل مورن جا' بہ ڇپجي چڪو آهي. ثميره زرين هر موضوع تي ڪهاڻيون لکيون آهن. هن جون ڪهاڻيون سطحي ڪين آهن. انهن ۾ گهرائي آهي. ڪٿي طنز آهي، ڪٿي شڪايت، تہ ڪٿي احتجاج! هن پنهنجا ڪردار عام انسانن مان چونڊيا آهن، جن جا ڏک سک، لڙڪ مرڪ ۽ خوشيون ۽ ٻيا سڀ جذبا اسان جهڙا آهن، جن کي هن پنهنجن ڪهاڻين جو موضوع بڻايو آهي.

گذريل هفتي ساڻس ملاقات ڪيم پاڻ ٻڌايائين تہ 'منهنجي پهرين ڪهاڻي 1954 ۾ 'نئين زندگي' ۾ ڇپي هئي ۽ ان وقت منهنجي عمر ٻارنهن تيرهن سال هئي. مون ڪهاڻي لکي پنهنجي وڏي ڀاءُ کي ڏني تہ رسالي ۾ موڪلي ڏي. هن هڪ غير معياري رسالي جو نالو ورتو ڇو جو هن سوچيو تہ هن ننڍڙي ڇوڪريءَ جي غير پختہ تحرير کي ڪهڙو معياري رسالو جاءِ ڏيندو! ان وقت 'نئين زندگي' جو معيار سيني ۾ بلند هو سو مون ضد ڪيو تہ انهيءَ کي موڪليو. ادا رڳو منهنجي دل رکڻ لاءِ اهو 'نئين زندگي' وارن ڏانهن ڏياري موڪليو هو نہ تہ سندس ۽ ڀين جو خيال هو تہ اهو ڪونہ ڇپبو، پر ان وقت منهنجي خوشي ڏسڻ وٽان هئي جڏهن مون پنهنجي ڪهاڻي رسالي ۾ ڏٺي. سچ تہ مونکي لڳو تہ مون جهڙي خوشنصيب ڇوڪري سڄي دنيا ۾ ٻي ڪانہ هوندي.

ان کان پوءِ منهنجي ڀائرن ۽ گهر جي ڀين ڀاتين هميشه همٿايو ۽ نتيجي ۾ آءٌ 'ادب' جي خدمت ڪرڻ لائق ٿيس.'

ثميره زرين سان ملاقات ڪرڻ جو شوق مونکي انوقت کان هوندو هو جڏهن

آءُ اجا ستين يا اٺين درجي ۾ پڙهندي هئس ۽ سندس افسانا ’مهراڻ‘ ۾ ڇپبا هئا. انوقت ’مهراڻ‘ جهڙو معياري رسالو مونکي ڏاڍو ڏکيو لڳندو هو ۽ هر ٻي يا ٽين سٽ ۾ کونہ کو اهڙو لفظ ضرور هوندو هو جيڪو بابا کان پڇڻ ۽ سمجهڻ کانسواءِ اڳتي پڙهي کانہ سگهندي هيس.

انهيءَ ئي زماني ۾ مون هڪ بحث پڙهيو هو تہ ثميره زرين اصل ۾ ڪو مرد آهي، جيڪو زناني نالي سان افسانا ٿو لکي ..... ادي ثميره زرين سان مليس تہ اهو ياد آيم. ان بابت پڇيومانس تہ کلي ڇوڙ لڳي، ’اجا بہ شڪ اٿئي ڇا؟ اصل ۾ ان جا ڪيئي سبب آهن، هڪ تہ آءُ ڪڏهن بہ ڪنهن ادبي محفل ۾ نہ ٿي ويس ۽ نہ ئي وري ڪنهن اديب يا اديبہ سان ڪڏهن ملاقات ٿي هئي. مون نالو بدلائي ضرور لکيو هو، انکري ڪيترن سڄاڻو ماڻهن کي بہ خبر کانہ هئي تہ اها ثميره زرين مان ئي آهيان، ڇو جو منهنجو اصلي نالو سڪينہ اعوان آهي. هڪڙو ٻيو سبب وري اهو هو جو منهنجن افسانن کي پڙهندڙن ڪافي پسند ڪيو. خود ڪيترن نقادن تعريفون ڪيون. منهنجين لکڻين ۾ جذبن توڙي خيالن جي آزاد عڪاسي مرد اديبن کي نہ آئڙي. انهن جو ڪنهن عورت جي لکڻيءَ ۾ هئڻ هنن ناممڪن ٿي سمجهيو.

اهو زمانو اهڙو هو جو شايد ذهني طور ڪير بہ هڪ سنڌي عورت کي سڄي اديبہ جي حيثيت ۾ قبول ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ هو. مرد چاهيندا آهن تہ عورتون هر طرح .... ذهني توڙي جسماني طور کانئن ڪمتر سمجهيون وڃن يا سندن برابري نہ ڪن، ان ڪري منهنجين ڪهاڻين کي ڪنهن عورت سان منسوب ڪرڻ ڪن ماڻهن کي عجيب ٿي لڳو ۽ اٿين هنن اها ڳالهہ اٿاري.‘

پنهنجو نالو بدلائي فرضي نالي سان لکڻ جو سبب پڇڻ تي ٻڌائين تہ ’ان جو ڪوبہ خاص سبب ڪونہ هو. بس ننڍي عمر ۾ مونکي پنهنجو نالو ڪونہ وڻندو هو. سو جڏهن ڪهاڻيون ڇپائڻ شروع ڪيم تہ ثميره زرين جي نالي سان موڪلڻ لڳس. اها منهنجي ٻاراڻي هئي، اجا ٿوري وڏي ۽ سمجهہ واري عمر ۾ لکڻ شروع ڪريان ها تہ پنهنجي اصلي نالي سان لکان ها.‘

دنيا جي ادب بابت سوال جي جواب ۾ چيائين تہ ’مونکي سيني کان وڌيڪ هندي، بنگالي ۽ روسي ادب متاثر ڪيو آهي ۽ اهي ئي مونکي سيني کان وڌيڪ پسند آهن. ادب جي باري ۾ منهنجو خيال آهي تہ اهو مشاهدي ۽ جذبن احساسن جي عڪاسي آهي، اهي سڀ ماحول ۽ معاشري ۽ زماني جي حالتن، ملڪ جي معاشيات ۽ سياست وغيره کان متاثر ٿين ٿا. اسان جي سنڌ ۾ عورت جي حيثيت متعلق جيڪو تصور ۽ جيڪو نظريو آهي اهو دنيا کان نجو مختلف آهي. هتي هوءَ مرد جي دست نظر بڻجي ٿي رهي. هڪ طرح مرد جي هن تي حڪومت ٿي هلي. هن جي هر احساس ۽ جذبي کي ڪچلڻ جي ڪوشش جي باوجود سنڌي عورت ۾ خودداريءَ جو احساس ۽ پنهنجن جذبن تي ضابطو سڄي دنيا جي عورتن کان وڌيڪ آهي. ڳوٺاڻن ۽ اڻ پڙهيل زالن جي زندگي وري شهر جي پڙهيل ڳڙهيل ڇوڪرين جي زندگيءَ کان بئي نموني جي نظر ايندي، پر بنيادي طور مان انهن جي ڪردار جي بلنديءَ کي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهيان. سنڌي عورت مجسم پيار ۽ محبت آهي، پر تڏهن بہ جذبن کان شڪست ڏکي کائيندي آهي. اڄڪلهہ اسان جون سنڌي ڇوڪريون روماني ناول ۽ زالن جي رسالن ۾ ڏنل بي مقصد قصا پڙهي پنهنجي ذهن کي خراب ٿيون ڪن. ڪين خبر ئي ڪانهي تہ هن قوم جي تاريخ ڇا آهي ۽ تهذيب ڇا آهي ۽ هن جو تمدن ڪهڙو آهي؟ ان ۾ ۽ هنن ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

مان ڪڏهن بہ فرضي يا سوچيل ڪهاڻي لکڻ جي فائدي ۾ ڪانہ رهي آهيان. منهنجي هر ڪهاڻي ڪنهن نہ ڪنهن حقيقي واقعي کان متاثر ٿي لکيل هوندي آهي، ڇاڪاڻ تہ مان ادب کي زندگيءَ جو ترجمان ٿي سمجهان ۽ اديب زندگيءَ جون تمام حقيقتون ۽ روز مره جا واقعا ڏسي ۽ محسوس ڪري ٿو. پهرين انهن کان متاثر ٿئي ٿو ۽ پوءِ انهيءَ کي لکڻ وقت، هنجا پنهنجا احساس بہ ان ۾ گڏجي ان کي ادبي رنگ ٿا ڏين ۽ ائين هر اديب جو هڪ الڳ ۽ منفرد انداز نهندو آهي. جڏهن ڪو واقعو يا حادثو مونکي متاثر ڪندو

آهي تہ پوءِ اٿندي وهندي، گهر جو ڪم ڪار ڪندي، اهو پيو منهنجي ذهن کي پريشان ڪندو آهي، ۽ اهڙين ڪهاڻي وجود ۾ ايندي آهي. البت ان کي پني تي اُتارڻ جو هڪ خاص موڊ هوندو آهي. جيستائين اهو موڊ نہ ٿي، تيستائين هٿ ۽ قلم دماغ جو ساٿ ڪونہ ڏيندا آهن.'

'ڪڏهن ائين ٿيو آهي جو توهان جي ذهن ۾ پوري ڪهاڻيءَ جو پلاٽ هجي، پر لکي نہ سگهيا آهيو؟'

'ها، اڄ ڪلهہ ڪجهہ اهڙي ڪيفيت آهي. گذريل ڪيترن مهنن کان لکڻ چاهيندي بہ نہ لکي سگهي آهيان. ذهن ۾ هڪڙي ڪهاڻي اٿم، هاڻ خدا ڪري تہ جلد موڊ ٺهي تہ اها لکي توهان ڏي موڪليان.'

هن منهنجي ذهن ۾ موجود خواهش جو پاڻ ئي اظهار ڪيو تہ پوءِ اهو بہ وعدو ڪرڻو پيس تہ تمام جلد مون کي پنهنجي ڪا بلڪل نئين ڪهاڻي موڪليندي.



سدا حيات

**شري ڪيئلداس وليرام بيگواڻي 'فاني'**

جنم: 4 اَپريل 1914 ديهانت : 8 اَپريل 1995

برک شاعر ۽ ناٽڪ نويس جي

جنم شتابدي سال

۾ اَسين فاني صاحب جي ڪٽنبين ۽ سموري سنڌي ساهتڪ جڳت سان هن خوشيءَ ۾ شريڪ آهيون.

**سنڌالاجي پريوار**

ليک/ سندري اُتمچنداڻي

# ثميره زرين جي ياد

’رچنا‘ لاءِ پنهنجي سهتي سکيءَ ثميره زرين جي ياد ۾ قلم کڻندي ائين پيو لڳي ڄڻ ڪنهن اَهڙي لوڪ ۾ پهچي ويئي آهيان جتان جي پهاڙي چوٽيءَ تان ڪي ماضيءَ جا ورق حال بڻجي، پڙاڏو ڪري گونججي اُٿيا آهن.

سمجهه ۾ ئي نٿو اَچي هيءُ وڇوڙو ڇو ايڏو پُر درد آهي! وطن کان وڇڙڻ مهل وطن وارن کي ’هجيو حياتي‘ چئي موڪلائي آياسين پر جيڪي سڄڻ حياتيءَ کان ئي موڪلائي ويا، تن لاءِ ڇا ٿو چئي سگهجي ...... ساڻن گڏ گهاريل گهڙيون پل، سرد ٿي، ڄمي برف بڻجي پيا ڏنگين ......

ثميره جي موت کان اڃا هڪ سال اڳ دهلي ريڊيو تان هنجي شخصيت ۽ ادب تي ڳالهايو هوم. ڪنهن ٿي ڄاتو تہ هيءَ سکي ايترو جلد هيءُ جهان ئي ڇڏي ويندي.

رامچندر 14 ورهين جي بنواس کانپوءِ پنهنجي جنم ڀومي ايوڌيا نگريءَ وريو هو، پرمان ۽ اُتم 16 سالن کان پوءِ پنهنجي حيدرآباد جي گهٽين ۾ موٽيا هئاسين. شاهہ لطيف جي ميلي جي دعوت ملي هئي. ڪلڪتي جي ڪانکين ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد، لاڙڪاڻي ۽ سکر ضلع ۾ اسان لاءِ گل ڪٽي وڇايا هئا، پر شڪارپور ۾ ثميره اکين جا ديپ ٻاريو ويٺي هئي اسان لاءِ.

ثميره کي جيستائين اکين سان نہ وڃي ڏٺم تيستائين ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر وغيره جي ليکڪن جا سندس هستيءَ تي شڪ جا بحث ٻڌندي رهي هئس. موٽي اَچي هنن اڳيان فتويٰ صادر ڪرڻي هئي تہ ثميره زرين نالي ۾ لکندڙ برابر جيئري جاڳندي ڪا ڇوڪري ليکڪا آهي جو هيلتائين ڪنهن ليکڪ ليکڪا کيس نہ ڏٺو هو.

اُتم ۽ مان سکر مان موٽر ۾ چڙهي شڪارپورئي روانا ٿياسين. اُن مهل سوڀو

گيانچنداڻي، شيخ اياز، غلام رباني، ابراهيم جويو ۽ رشيد ڀٽي اسانکي هٿ سان ائين الوداع ڪري رهيا هئا. جڻ اسين ڪنهن آڪاسي رٿ ۾ چڙهي اهو سچ لهڻ ٿي وياسين - تہ چنڊ واقعي هڪ زمين آهي يا سپنو !

چنڊ جي حقيقت پسڻ لاءِ، وڻ باغ، راهون رستا اڏامندا 'آشيانہ اعواڻ' جي ٻاهران اَچي لٿاسين ......

1964 جي سنڌ جي سفر جي اها منجهند جي نوائيءَ واري گهڙي .... بہ ڏڪيون چڙهي 'آشيانہ اعواڻ' ۾ قدم رکيو اٿم. اوچتو ٻانهن جو وڪڙ - مضبوط ۽ پيار سان ٽمٽار. ڪن وٽ چپائين، 'ادي!' ۽ جڪڙي رهي منهنجي جيءَ سان. سندس ٻانهن جي گهيري ۾ ڪشي بيٺي هئس مان ۽ منهنجي روح ۾ هئي عجيب يڪوجودگيءَ جي سرهاڻ. ڪا گهڙي تہ ائين بہ جسم هڪ روح ٻڌجي اَچل بيٺيون رهيوسين.

اُتم ڪي تہ اڌ مان ئي ديو لوڪ جو ڪوئي ديوتا وني ويو.

ڪيترن ڪٺن ڪانپوءِ هوءَ وَڪڙ لاهي سامهون ٿي بيٺي. هيءُ هو چنڊ ! مگر هوءَ خود مونکي ڏسي رهي هئي ڀاوَ ڀرين اکين سان .... چپن تي آيل هڪ اُمنگ ڀريءَ مرڪ سان جڻ ڀاڻ چنڊ ڳولي لڌو هئائين !

'ثميره' مون چيو !

هوءَ کلي پيئي . 'ها .... ثميره .... مان آهيان؟ بلڪل آهيان منهنجو وجود مجٽو ئي پوندو توهان کي !'

کل تہ منهنجي مک مان، دل مان، ڦوهاري جيان چٽڪڻ لاءِ آتي هئي. کل نہ چوان خوشي چوان تہ بهتر. هڪ عجيب سپنو ۽ سچ هو منهنجي سامهون، کهڙو عجيب هو هن سڪيءَ سان ملڻ ! اندر لٽ جي رنگن وارو سپنئي وايومنڊل ڪڙو ٿي ويو اُن مهل ..... ساهتڪارن جي بحث مان هيءَ پردي نشين عورت بي وجود پي لڳي. مگر هينئر بہ ڪو وجود هو سندس؟ هانو ڪان هلڪي جهڙي هوا جي لهر ! غلم تي هڪ چورس دستر خوان وڇائي سامهون وهاري ڏسڻ ويهي رهي .... منهنجي سامهون هئا، هڪ سهڻي نماڻي منهن ۾ بہ قرب ڀريا جوتين جهڙا نيڻ .....

ڪجهہ ڪاڏي جو سامان ڪوئي رکي ويو پر اکيون ثميره جون مونہِ. نہ مونہِ نہ، سنڌين ۾ .... سنڌي جيڪي سنڌس نگر شڪارپور جا واسي هئا ..... سنڌس نگر ۾ وهندڙ سنڌ واهہ ۾ ترپا هئا، ڪڏيا هئا، انبن جا ڍير ڪائيندي اُڇليندي پاڻيءَ ۾ ڪيليا هئي ۽ پوءِ ڪنهن طوفان لڳڻ سبب سنڌس ٻوليءَ ۾ ڇهڪندا اُن وڻ تان اُڏامي هليا ويا هئا ..... سنڌس پاو پرين اکين خبر ناهي ڇا ڇا ويني ڳوليو مونہِ، منهنجي آرپار.... پڇڙ تاري جيان دمڪندڙ ماضيءَ جي دهي ۾! ....

هڪ وارڪاڏي طرف نهاري اُداس ٿي ويئي، ’منهنجي سڪ، ۽ ڇا ويني ڪارايان توهان کي ! هي سڀ ڪجهہ بہ ناهي .... مونکي پسند نٿو اَچي پروقت ٿورو مليو. اوچتو خبر ملي تہ توهين ويشنو آهيو ۽ گهٽو ڪجهہ ٿيل ڪاڏو پاسيرو رکٽو پيو ........‘

من منهنجو پلاڪاڏي ۾ هو ئي ڪٿي ..... مون بہ ڏني ويني اُها ثميره، جنهن چونڊ سنڌي ڪهاڻيون ’مهراڻ جون موجون‘ جو مهاڳ لکيو هو .... سوجهہ ٻوجهہ علم ۽ ڄاڻ سان ٿمتار لڳو هو مونکي سنڌس قلم. مون تہ وڏي قد بت واري لوهہ جهڙي مضبوط هٺ واري ناري سمجهيو هو هنکي! مگر هيءَ تہ هئي هڪ ڇوڪري! سلوار ڪرتي ۾. سونهن سان هڳاسيل، پيار سان ٿمتار پر زمين ۾ اونهيون پاڙون هنيل ٻوٽي! زمين جا سنڌ جي زمين هئي .... پرٿويءَ جو اهو پراچين ٽڪرو جنهن کي ثميره بہ پيار ڪيو هو ۽ مون بہ .... مان 21 سالن جي عمر ۾ وڇڙي وري وري اُن زمين کي ڏسڻ لاءِ سڪي رهي هيس، اَچي رهي هيس، پر ثميره .... هوءَ تہ هميشہ لاءِ الوداع ڪري ويئي سنڌ کي ..... کهڙي دکي هوندي اُها موڪلاڻي .... مان سمجهي پيئي سگهان اُن درد کي .... ڪاش ايڏي صداقت ۽ سڪ نہ ڏئي ها هيءَ ڌرتي اسان سنڌي نارين جي نسن ۾ ..... جو جيئڻ ٿيو پوي سيلابن گاڏڙ .....

ويجهڙائيءَ ۾ سنڌ مان هڪ ليکڪا ماهتاب محبوب آئي هئي. کيس ڏسي ڦٽ اُڀلجي پيا. ڪاش اڄ ثميره کي بہ هن سان گڏ آيل ڏسي سگهان ها! ڪيڏي سڪ هئي ثميره کي پارت ۾ اَچڻ جي !

ماهتاب چيو، ’ثميره جڏهن ڪان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌالاجيءَ جي ريسرچ

فيلو مقرر ٿي آئي، تڏهن کان دوستي وڌي پر سوا سال جي دوستيءَ ۾ هوءَ مونکي سچي چمار جو پيار ڏيئي ويئي ....' سندس اها اٺوسرندڙ نهار..... جنهن اکين سان ڇهي ڇهي کو فوٽو اُتاري ٿي رکڻ چاهيو پنهنجي روح ۾. بس وڃڻ واريءَ کي شايد اڳيئي ڪي پرون پيل هئا، جو ان ڪنواريءَ نهار سان هزارن ولين ۾ پنهنجي پيار جا گل لڳائي ويئي .....

هن سکيءَ جي باري ۾ ماهتاب سان ڳالهين ڪندي ائين پئي لڳو شايد اسين پئي هڪبئي کان وڌيڪ سڃاڻندا هئاسين ڪيس.

ماهتاب چيو، 'ڪي اديب مونکي چوندا آهن : تو ثميره تي ليک ۾ ڪيس خاتون - اول جو خطاب ڏيئي پنهنجي اهميت گهٽائي ڇڏي. پر مان سمجهانتي تہ مون نيڪ ڳالهہ ڪئي. ثميره مونکان اڳ لکڻ شروع ڪيو ۽ واقعي تمام سٺو لکيائين.'

'ڪنهن لائق انسان کي اهميت ڏيڻ سان پنهنجي اهميت کي پاڻ چار چنڊ لڳيو وڃن. ثميره جي ڪهاڻين جو مجموعو 'گيت اُجايل مورن جا' پڙهي ڪير نہ ڪيس اَهميت ڏيندو ! ..... ڪاش ثميره بہ اڄ بمبئيءَ جي بيچ تي عربي سمنڊ جي هوا کي ڪيليندو ڏسي ها .... پنهنجن ڇڳڙن وارن کي بڪلن ۾ قابو ڪندي هوا جي وهڪن ۾ گڏجي گڏجي بہ قدم تري ها ..... پوءِ هوءَ بہ شايد تو وانگر چوي ها : هن ڪناري تي هوا وڌيڪ آزادي ۽ بي ڊپائيءَ سان ٿي هلي ....'

ماهتاب چيو، 'ڏاڍيون قرب جون ڪڙيون وجهي ويئي هوءَ سيني کي. مونکان تہ يا عمر نہ وسرندي'.

مون چيو 'ليکڪائن جي وچ ۾ شل هميشه اها روايت رهي. خبر ناهي ڪهڙي ڏک ۾ هيءَ ڪونجڙي وڳر جو ساٿ ڇڏي هلي ويئي .....'

ماهتاب چيو، 'تي مهنا اڳ سندس پياري ياءُ جو قصيو ٿيو هو. هوءَ ڏک سهسائي نہ سگهي. ماءُ کي چوندي هئي اَمي، هاڻي نہ بچنديسانءِ .... مان وينديسانءِ هلي. پنهنجي آخرين خواهش بہ ظاهر ڪري ڇڏي هئائين : چي: منهنجي آرام گاهہ (قبر) سرن بدران خوبصورت جلد وارن ڪتابن سان ٻڌي وڃي ۽ ڪتبي ۾ شاهہ لطيف جو رسالو لڳل هجي ۽ آرام گاهہ جو سمورو ايوان پيلن ڳاڙهن گلن ٻوٽن سان جهنجهيل هجي ......'

اَهڙي ڪلونت من واريءَ ثميره جون ڪهاڻيون ۽ خط ئي سندس امداد وڃي رهي آهي مون وٽ هاڻي. ڪجهه حصو - حساس دل وارن سان ونڊينديس ضرور. 19 آگسٽ 1964 ۾ لکيائين :

اوهان مونکي خدا حافظ چئي موڪلائي ويا پر منهنجي ذهن ۾ اوهانجي هڪ بہ اشاري طور چيل ڳالهہ هلچل مچائي ڇڏي. چاهيم جيڪر ان محل ئي اوهانکي خط لکڻ ويهي رهان - پوءِ سوچيم ! اوهانکي پهچڻ تہ ڏجي - بهر حال هيءَ ملاقات ڪيتري نہ اڌوري هئي ! نہ ملڻ ڪان اڳ جيڪا سڪ هئي، ملڻ ڪانپوءِ اُنهن تهائين اضافو اَچي ويو. هڪ شام بي بہ هجي ها تہ هوند اوهانجي ڳالهين جو تفصيلوار جواب ڏيان ها. پر اوهانکي بہ تہ شايد مونکي ڏسڻو ئي هو نہ ! تہ ثميره ڇوڪري آهي ڪين ڇوڪرو؟ ..... خير جي زندگيءَ ۾ وقت ساٿ ڏنو تہ وري ملنداسون .....

ليڪن زندگيءَ ۾ وقت ساٿ نہ ڏنو. وري نہ ملياسين. فقط خط ايتري تسليٰ ڏين ٿا تہ ها ثميره هئي ..... هڪ اَهڙي ليکڪا جنهن جو قلم اهڙو پختو هو جو لڳو پئي، شايد موهن جي دڙي جي مٽيءَ مان نهيل هيءَ نياڻي سنڌ جي نياڻين ۾ پراچين آزاديءَ ۾ وشواس جو وايومنڊل پئدا ڪري وجهندي مگر شاهاڻيءَ دل جي مالڪڻ نہ ماڻيو نہ ڇوڙيو، بس ائين ئي جهان ڇڏي ويئي ....

ٻئي هڪ خط ۾ لکيائين :-

’اوهانجي دعوت ..... مان اَچي موٽ وٺان ! مان ڏنو ئي ڇا؟ منهنجي دل ۾ تہ اُهي حسرتون اڌوريون ئي رهجي ويل آهن. مان سچ پچ ايڏانهن اچان. پر هن وقت بہ اهو ئي مسئلو سامهون آهي جيڪو اڳي بہ ڪيترين هندستاني دعوتن ۾ نہ اچڻ جو سبب بڻيو يعني ڪنوارپڻو -‘

’اوهانجو لکڻ صحيح آهي تہ اسانکي پردي خلاق پرچار ڪرڻ کپي - پر سچ ڄاڻو، جي پرچار ڪندي بي پردگي حاصل ڪريون، تہ شايد لکڻ بند ٿي وڃي. مان پنهنجي خيالن موجب عورت جي لاءِ هميشه هڪ نئين راهہ ٺاهڻ جي خواهان آهيان. شايد ڪن آڱاٺين ۾ بہ اُنجو عڪس ڏنو هوندم - اها عورت اڄ جي عورت جهڙي بي پردي هئڻ سان گڏ بد تهذيب نہ آهي. غلط

آهي يا صحيح، اهو بحث نہ ٿي ڪريان. پر منهنجي نگاهہ ۾ اخلاق تمام وڏي شيءِ آهي. علم ۽ آزاديءَ جي حاصلات ۾ جي ڪا ڇوڪري اهو جوهر وڃائي ويهندي آهي تہ منهنجي دل ۾ هن لاءِ ڪا عزت نہ پيدا ٿي سگهندي آهي. دراصل اسان اديبا ڇوڪريون احتياط ڪري سخت رويو ٿا ونون. ورنہ اڄ هرهنڌ عورت مرد جو ساٿ ڏيئي رهي آهي. پوءِ ڪين بي وفائيءَ جا وجهہ ڪٿي ٿا ملن. اڄ جو پاڪستاني مرد عورت جي قربت کان دور نہ آهي ..... سچي سنڌ مان تہ نہ آهيان ! سو جو مون پاڪي ڏٺيو تہ سڀ عورتون ڏکجي ويئون ڇا؟ باقي منهنجي خيال ۾ بي وفائيءَ جا سبب بي وفائي نہ بڻائيندا آهن شايد. پر اها طبع سببان هوندي آهي. مون ڪيترا اَهڙا وفادار مرد ڏٺا آهن جيڪي پنهنجين زالن کي پوڄيندا آهن، پر اُهي ساڻن بي وفائي ڪنديون آهن - خير. سچ ٻڌائجو ! هتي سنڌ ۾ اَچي توهان مون متعلق شڪايتون ٻڌيون آهن ڇا؟ تہ ثميره مردن کان نفرت ڪندي آهي وغيره وغيره. جواب اُن جو ضرور ڏجو. حقيقت تہ اها آهي تہ نہ مونکي مردن کان نفرت آهي، نہ وري هننجو ورتاءُ مونسان خراب رهيو آهي. جي غلط نہ سمجهو، جي تعريف نہ سمجهو تہ چوان : مرد هر روپ ۾ مونتي ضرورت کان وڌيڪ مهربان رهيو آهي. ايترو، جو عجب لڳندو اٿم. اُنکي عورتون خوشقسمتي سمجهنديون آهن. پر جيڪر منهنجو بہ پنهنجي متعلق اهو خيال ٿي سگهي ها ! راهن جو حسن ڪجهہ بہ نہ آهي، جي منزل نہ ملي -'

منزل جي ماري منهنجي مومل ثميره 'زندگي' مخزن ۾ پهرين ڪهاڻي 'زندگي ڪيتري نہ گران آ' (١٩٥۴) سان مشهور ٿي ويئي. اُن وقت سندس عمر اڃا ١٢، ١٣ ورهيہ هئي. پر قلم جي ڪاميابي ساڻ هيس، سو گهروارن بہ همٿايس ۽ ثميره اُسري وڏو وڻ ٿي. پنهنجي شروعاتي ڪهاڻين 'ڏکڙن جو ڏاج' ۽ شمع ٻاريندي شب (١٩٥٨) ۾ عورت جي مظلوم حالت جو اهڙو ذڪر ڪيو اَٿس جو پڙهندي دل درد سان پرجيو وڃي.

سندس هڪ ڪهاڻي 'مومل جو ڏهاڳ' ۾ ثميره جو عورت جي درد ۾ قلم ٻوڙي لکيل هيءُ بيان - 'ڇوڪريءَ جي شادي هئي ڪين رنڊيءَ جو سودو !

ڏيڻ جا ڏگها سلسلا ..... ونڻ جا ڏگها سلسلا .... شاديءَ جو مقدس فرض واپارجي وڏي ۾ وڏي جنس بڻجي پيو هو هنن وٽ ! ۽ عورت صدين جي پراڻي خيال موجب اڄ بہ ’چيز‘ هئي. انسان نہ هئي ! ..... جيڪا ڪڏهين سونهن سبب وڏيءَ قيمت تي وڪامجي مائٽن کي سونو ڪري ويندي هئي تہ ڪڏهن بدصورتيءَ سبب نہ وڪامجي، زندگي ڀر جو ناسور بڻجي پوندي هئي .....‘

پراڻ جي نوجوان کي بہ هيءُ سڀ پسند ناهي. ان ڪري ڪهاڻيءَ جو نائڪ ’سهيل‘، ڇوڪريءَ جي مائٽن طرفان طلبيل شاديءَ جي لين دين کي هڪ سودي بازيءَ جي روپ ۾ بدلبو ڏسي ٿو تہ وچي ٿو ڏکن مان شادي ڪري اَڇي ......

مائٽن جي هن خود غرضيءَ ۽ ڪوڪلي وڏائيءَ کي ثميره بيءَ هڪ ڪهاڻيءَ ’غيرت‘ ۾ نقاب ڪيو آهي. هيءَ ڪهاڻي ثميره جي هندستان ۾ ڇپيل پهرين ڪهاڻي هئي جا ’نئين دنيا‘ ۾ اپريل 1961 ۾ شايع ٿي هئي. ساڳيو پيءُ شاهوڪاريءَ وقت ’باشيءَ‘ کي ڌارين ۾ ڏيڻ کان حق بخشائڻ بهتر ٿو سمجهي پر جڏهن غريب ٿي ٿو وڃي، تڏهن ساڳئي ڌارين جي گهر ۾ پٽ بدران پيءُ سان پنهنجي ڌيءَ جي شادي ڪرائڻ لاءِ تيار ٿي ويو آهي. پاڻ کان وڏو پٽ جڏهن باشيءَ جا پير ڇهي ڪيس خرچي ٿو ڏئي، تڏهن سيسرات اُڀري ٿو وڃي باشيءَ جي بدن مان ۽ ڦٽڪي پوي ٿي.

ثميره جي پوين ڪهاڻين ۾ عورت جو ڪردار مظلوم کان وڌيڪ همت ڀريو چٽيل آهي. آخرين ڪهاڻي ’سوريءَ سزا وار‘ ۾ نائڪا ارد گرد بہ نمونا ڏسي ٿي. هڪ ۾ عورت شوهر جو روح بيءَ (هڪ ڪرسچئن آيا) تي آيل ڏسي سلهہ جي مريض بڻجي سئنيٽوريم ۾ رت ٿوڪيندي رهي ٿي .... بي راهہ اُها آهي، جنهن ۾ نياڻيون حق بخشي وينل آهن. سڄي عمر ڪنواريون رهي ياڄاين جا طعنا ٽنڪا سهندي پڊيون ٿي ويل، زندگي پيون گهلين .....

نائڪا کي ٻئي تصويرون منظور ناهن هوءَ چوي ٿي ’ضرور ڪا نئين راهہ ڳولڻ گهرجي .....‘

ثميره جي هڪ ڪهاڻي ’رمندا بادل‘ ۾ ذڪر آهي بيچ لغزري هوٽل جي فاڪس ٽراٽ ڏنن جو ۽ ڌارئي ماحول جو. مٿان ذڪر آهي هڪ جوان جاويد جو ...... جاويد کي نہ تہ بينگالي رقاصہ جي ڊانس وندرائي سگهي، نہ پنجابي گوئيي جو راڳ ! جڏهن مصري خان بينا تي ’راڻو‘ ٻڌايو تہ ڪيس ائين محسوس ٿيو گويا

مومل جو اوسيڙي پريو وياڪل روح اڃ هنجي اندر سمائجي ويو هجي .....

هائو ثميره 'پکن جي پريت، ماڙيءَ سين نہ مٽيان'. دور دراز اڏام ڪندي بہ ثميره جا پير پنهنجي سنڌ جي زمين ۾ پختا ڪتل هئا. هڪ ليک ۾ چوي ٿي، 'جيڪي ليکڪ فقط مغرب ڏي پيا نهارين تن لاءِ مونکي شڪايت آهي. پنهنجي قوم کان الڳ هستي ٿي، ڪوئي پنهنجي ادب جي خدمت ڪندو هوندو، مان نٿي ڄاڻان ....ٽئگور بينگال نہ وساريو هو، ٽالسٽاءِ، گورڪيءَ، چيڪوف روس کي نہ وساريو، جيان پال سارتري فرانس کي نہ وساريو. پوءِ بہ هو وڏا اديب ليکجن ٿا، تہ اسين سنڌي اديب ئي سنڌ کي ساري نندا ٻڌجي وينداسين؟ احساس ڪمتري ايتري؟ برتري پائڻ جي اپهرائي ايتري؟ .... مونکي سنڌ کان نفرت ڪانهي، سنڌي سڏائيندي شرم ڪين ايندو اٿم .... مان سنڌ جي مٽي آهيان .... اها مٽي جنهن جي قيمت جڏهن ڏاريا ڪٿيندا آهن تڏهن ئي پنهنجن کي انجو قدر معلوم ٿيندو آهي.'

ثميره مٺي ! مان بہ ائين ٿي سمجهان تہ ڪو بہ سٺو ساهتڪار پهريون پنهنجي ڌرتيءَ جو ئي ليکڪ ليکبو آهي.

ثميره بہ منهنجي سنڌي ٻوليءَ جي هڪ الڪيٽي ليکڪا هئي، جنهن جي ياد يگن تائين قائم رهندي.

(رچنا 7-1980)

**شرڌانجلي**



برک ناول نويس، ڪهاڻيڪار شري گوبند ڪوڙومل خوشحالاڻي (جنم 25 جنوري 1940) جي اوچتي ديهانت (7 مئيءَ 2014) تي اسين سندس عزيزن، مترن ۽ سموري سنڌي جڳت سان هن غم ۾ شريڪ آهيون.

**سنڌالاجي پريوار**

ليک / عبدالقادر جوڻيجو

# ثميره زرين

اسان وٽ رواج ۽ رسمون گهر ڪري ويا آهن. انهيءَ منسبت سان اسان لکڻ وارن، ڇاپڻ وارن ۽ پڙهڻ وارن وٽ به گهڻيئي رواج ٺهيا آهن. هڪڙو رواج آهي ته ڪو ليکڪ يا ليکڪا جيئري هجي ته اڌ تي به نه پڇوس ۽ جي گذاري وڃي ته پوءِ ويهي سندس وڏاين ۽ چڱاين جا راڳ ڳايو. ڪلاسيڪل انداز ۾ نه ئي سهي پاپ ميوزڪ ۾ ئي سهي. اسان وٽ ٻيو رواج اهو آهي ته اها ڳالهه باربار هر محفل ۾ ورجايو، هر مضمون ۽ هر خط ۾ اهو لکو ته ’ميان، جيئري جيڪو قدر نه آهي، مري وڃڻ کانپوءِ ٿا قدر ڪريون. اسين مرده پرست آهيون، هيئڻ آهيون، هونئن آهيون، وغيره وغيره.‘ ٽيون رواج اهو آهي ته گذاري وڃڻ واري سان رڳي ٺلهي پري ڪان سلاماليڪي هجي، جيڪڏهن اها به نه هجي ته پرواهه نه آهي، پر ظاهر اهو ڪبو ته ’مرحوم يا مرحومه‘ سان منهنجي گهاٽي واقفيت هئي، مونسان هي ڳالهيون ڪيائين، مونسان هو ڳالهيون ڪيائين، فلاڻي کهاڻي يا فلاڻو بيت منهنجي چوڻ تي لکيائين.‘چوٿون رواج اهو آهي ته جيڪو گذاري وڃي ته انهيءَ تي اَهڙي نموني سان مضمون لکون، جنهن ۾ گذاري وڃڻ واري جي پڌرائي گهٽ ٿئي ۽ اسان لکڻ ۽ تقرير ڪرڻ وارن جي پڌرائي وڌ ٿئي. انهيءَ ڪري اهي امڪان به رهن ٿا ته منهنجي هن خاڪي ۾ ’ثميره زرين‘ گهٽ ۽ ’عبدالقادر جوڻيجو‘ وڌيڪ هجي، انڪري جيڪڏهن مونکي معاف نه ڪيو وڃي ته پوءِ پٿر هنيا وڃن.

سنئين سڌي ڳالهه پيئي آهي شاعر جي لفظن ۾ ته، ’ڪير ٿو ڪنهن لئه جيئي، ڪير ٿو ڪنهن لاءِ مري!‘ مرڻ وارا مري ويندا آهن ۽ پوءِ آهستي آهستي يادگيريون به مرڻ لڳنديون آهن. ڪنهن هڪ اڌ ياد جي نڙيءَ ۾

ساهہ اٽڪيل هوندو آهي ۽ اُها ڪڏهين ڪڏهين اڪ پٽيندي آهي ۽ ٿوريءَ ديرڪان پوءِ وري قصو ختم. هينئر ثميره سيني کي ياد آهي، ذري ڪانپوءِ جڏهين هتان ٻاهر نڪرنداسين تہ ڪنهن کي يونيورسٽيءَ جي بس پڪڙڻ جو فڪر ٿيندو، ڪو پنهنجي ڪارڪي سڌي رستي تي چاڙهڻ کي لڳي ويندو، ڪنهنجي گهر ۾ مهمان آيل هوندا تہ اُنهن جو فڪر هوندس، تنهنڪري هتان جيڪو نڪرندو سو ثميره جي ياد ٻاهرڪٽي ڪونہ نڪرندو، پنهنجو پاڻ کي ڪٽي ٻاهر نڪرندو. تي سگهي ٿو ڪو خدا جو بندو يا بندي اهڙي هجي جيڪا پنهنجي وجود کي هن هال ۾ اڇلائي وڃي.

ثميره زرين مونکي ڪن موقعن تي ٿوري وقت لاءِ ياد ايندي آهي، هڪ تہ جڏهين نواز پٽي جا ۽ منهنجا ڪاغذ هيٺ مٿي ٿي وينداآهن تہ اسان هڪٻئي جي ميزن جو جهاڙو ونندا آهيون. جهاڙو وننندي جڏهين نواز جي ٽيبل جا خاناکوليندو آهيان تڏهين ثميره ياد ايندي آهي. جو ڪنهن وقت اُها ٽيبل ثميره جي قبضي ۾ هوندي هئي ۽ اسان ٻئي هڪ ئي ڪمري ۾ ائين ئي گڏ وهندا هُئاسين جيئن حميد ۽ آءٌ وهندا هُياسين ۽ هنوقت نواز ۽ آءٌ وهندا آهيون. ثميره جي انهيءَ ميز جا خانا مون لاءِ وڏيءَ چِڪ جو ڪارڻ هوندا هُئا. انهن خانن ۾ هڪ ليڪڪ لاءِ پوري دلچسپيءَ جو سامان موجود هوندو. هڪ تہ انهن خانن ۾ ڪتاب رسالا هوندا هئا، انهن جا بہ بہ قسم هوندا هئا هڪڙا ادبي ۽ ٻيا ڪتاب پيا فوٽن وارا رسالا، جي پڙهڻ تي دل هجي تہ بہ واهہ واهہ، جي فوٽن ڏسڻ جو شوق ٿئي تہ بہ واهہ واهہ. ٻنهي پاسي اکيون ٺڏيون. انهن خانن ۾ ڪتابن ڪان بہ وڌيڪ دلچسپ شيءِ هئي اڇي پلاسٽڪ جا ٻہ خوبصورت، نفيس ۽ جلدي کلي وڃڻ وارا دٻا. هڪڙي ۾ هوندا هئا بئڪريءَ جا تازا تازا بسڪوت ۽ ٻئي دٻي ۾ هوندا هئا سينڊوچز پوءِ جڏهن انهن شين تي چاپو لڳندو هو تڏهن دل چوندي هئي تہ اُهي شيون کائڻ سان گڏ اهي پلاسٽڪ جا دٻا بہ کائي وڃجن. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ جيڪڏهن انهيءَ موقعي تي آرٽس فئڪلٽي جا ٽي ڏاڍا مڙس يعني خيرو، تنوير ۽ ليليٰ

پهچي ويندا هئا تہ بسڪوٽن جي بدران انهن جون ڳالهيون ڪاٽيون پونديون هيون ۽ اها غذا صرف ثميره هضم ڪري سگهندي هئي. پاڻ پيٽ جا هلڪا آهيون انهيءَ ڪري ..... نهيو.

سو ڳالهہ پئي هلي پلاسٽڪ جي دٻن جي، مون مهينو اهو مٿو هنيو ۽ جاسوسي ڪئي. ثميره اهي دٻا ڪيئن ڪٽي تي اچي پر مونکي پتو نہ پيو الائي ڪيئن لڪائي ڪٽي ايندي هئي. هئِہ ڙي شڪارپور جي نفاست. هٿ ۾ دٻا ڪٽي هلڻ تہ برو لڳندو آهي.

مون جيڪي شڪارپور جي ڪلچرڊ هئڻ جون ڳالهيون آغا سليم کان ٻڌيون آهن، انهن ڳالهين کي اڳيان رکي ويهي حساب ڪتاب ڪجي تہ ثميره بذات خود شڪارپور هئي يا شڪارپور ثميره آهي. اٿڻ، وهڻ، ڳالهائڻ هر ڳالهہ ۾ نفاست ۽ هر ڳالهہ ۾ سليقو. اُجلا ۽ رعبدار ڪپڙا پائي ثميره آرٽس فئڪلٽيءَ ۾ اچي ڪڪڙ يا ڪونج وانگر لهي ايندي هئي. توري تڪي وکون ڪٽي هلندي هئي. جيڪڏهين ڳالهرائي وجهينس تہ پوءِ وينو ٻڌ، منو اُترادي شڪارپوري لهجو، لفظ لفظ ۾ جڙيل، خوبصورت جملا، جيڪڏهين ڪنهن رتوچاڻ جو ويهي ذڪر ڪري تہ ذهن ۾ رت جي ڦڙن بدران ڳاڙها گلاب جا گل ٽڙندا. هتي مونکي ياد آيو تہ گلن سان بہ ڏاڍو پيار هوس، اسان جو رٽائر ٿيل پوڙهو پٽيوالو سائين بقادار شاهہ صبح ساڻ گلن جو ٻڪ ثميره جي ميز تي ڇڏي ويندو هو ۽ پرپن منهنجي ميز خالي پئي هوندي هئي. مونکان رهيو نہ ٿيو نيٺ هڪڙي ڏينهن بقادار شاهہ کي چيم تہ، ’سائين هيءَ بہ ايائي چو؟‘ مونکي جواب ڏنائين تہ، ’صاب، گلُ انهن جي اڳيان رکجن، جيڪي انهن جو قدر ڄاڻن. بادشاهہ دل ۾ نہ ڪجانءِ، ثميره آهي قدرواري، تون آهين بي قدرو. گلن کي سينگاري رکڻ جي بدران انهن جو پَن پَن ڪري ڪاٽيو وجين. باقي الڳ آفيس وٺ تہ بہ مينهون اچي تنهنجيءَ آفيس ۾ ٻڌي ڇڏيان، پوءِ تون بهارين ۾ هوندين.‘ هر وقت چوٽ ڪندڙ بقادار شاهہ مونکي اهڙي هنڌ تي هٿ وڌو، جو وري ڪجهہ ڪونہ چيومانس. الله وڏي حياتي ڏئيس، هينئر رٽائر ٿي ويو آهي.

ثميره جي نفاست جو پيو بہ قصو پڌائي ڇڏيائون.

سيني کي خبر آهي تہ آفيس ۾ گهنڊڙيون رکيون آهن، هڪڙيون بجلي واريون، جيڪي ’ٽرڻ‘ ڪنديون آهن، پيو ميزن تي رکڻ واريون جيڪي ’ٽڻ ٽڻ‘ ڪنديون آهن، جن تي جڏهين هٿ هڻبو آهي تڏهين پاهران ڪو الله جو بندو ڊوڙندو ايندو آهي ۽ حڪم وٺندو آهي. سو ثميره وٽ بہ ٽڻ ٽڻ واري گهنڊڙي هئي. گهنڊڙي تہ وٽس موجود هئي پر سندس روز اها پيئي رڙ پوندي هئي تہ، ’ادا پٽيوالا سڏ تي اچن ئي نٿا، ڇا ڪريان؟ آءٌ تہ گهنڊڙي وڄايو وڄايو هٿ ڦٽايو وهان.‘ نيٺ منهنجي معرفت دانهن ويئي الانا صاحب وٽ. الانا صاحب دٻ ڪڍي پٽيوالن کي. پٽيوالا حيران پريشان، اهڙا ڪُڇن جهڙي پٽ. نيٺ سائين بقادار شاهہ تہ صفا ڪرسي رکي ثميره جي آفيس جي اڳيان تہ جيئن سندس نظر ثميره تي پوندي رهي ۽ جي سڏ ڪري تہ ’امان، جيجل‘ چئي جلدي پهچي. انهيءَ وچ ۾ پٽيوالن وڏا قسم کنيا تہ، ’سائين خدا جو قسم اسانکي تہ جڏهين بہ جيجل سڏيو آهي تہ اسان تہ پهتا آهيون.‘ سو اها ڳالهہ هڪڙو وڏو راز بڻجي ويئي تہ اها شڪايت ڇو ٿي. نيٺ هڪڙي ڏينهن ثميره منهنجي روبرو گهنڊڙي وڄائي. منهنجي ڪن تي ٿورڙو آواز پيو، مون ثميره ڏانهن نهاريو تہ ڏٺم تہ پيو پيرو گهنڊڙيءَ تي آڱر رکيائين. هاڻ سائين هڪڙو تہ گهنڊڙي ننڍڙي ۽ نازڪ ۽ پيو وري آڱر بہ ثميره زرين جي، سا رڳو ڪٽي نزاڪت سان رکيائين گهنڊڙيءَ تي. آواز آيو نہ آئي جهڙو ۽ پٽيوالي پڌوئي ڪونہ. هاڻ سائين اها ٿي گهنڊڙي وڄي، سو پٽيوالا ڊوڙندا اچن ۽ ثميره ٿي مهمانن کي چانهيون پياري. مون بہ نڪا ڪئي هم نڪا تم وڃي اڳيان گهنڊڙي کنئي مانس ۽ اچي پنهنجيءَ ٽيبل تي رکيم.

’ڇو ادا، ڇو ادا؟‘ ثميره پريشان ٿي ويئي.

’پيڻ ائين گهنڊڙي نہ وڄائبي آهي. هيئن وڄائبي آهي.‘ ائين چئي زور سان گهنڊڙيءَ تي هٿ هنيم. گهنڊڙيءَ کي بہ ڪا هوا لڳي ويئي هئي شڪارپور جي، سو ٿي پيئي خراب ۽ ثميره اچي ٿهڪن ۾ پئي. ڪلي جڏهين بس

ڪيائين، تڏهين چيائين ته، ’شڪارپور ۽ ٿرپارڪر جي وچ ۾ ٻن سوَ ميلن جو مفاصلو آهي.‘ اهو مفاصلو اسان جي ٽيبلن مان به ظاهر ٿيندو هو. منهنجيءَ ٽيبل تي ڪاغذ سدائين ٽڙيا پکڙيا پيا هوندا هئا، بلڪ دل چوندي هئي ته جوتا به لاهي ٽيبل تي رکي ڇڏيان، اُتي ئي ثميره جي ٽيبل تي هر ڪاغذ ۽ هر شيءِ ترتيب ۽ نفاست سان رکيل هوندي هئي، مجال آهي جو هڪڙي شيءِ ٻئي هنڌ هلي وڃي.

آرٽس فئڪلٽي هڪ اهڙو هنڌ آهي، جتي ڪنڌا به لڳندا آهن، گل به ٽڙندا آهن، سڄيءَ دنيا جون چڱايون بُرايون به بيان ٿينديون آهن، پنهنجي علميت ۽ گندي ڪپڙي جو رعب به جمائبو آهي، ڪنهنجي پَٽڪي لاهبي ته ڪنهنکي ڪٽ تي چاڙهبو آهي، مطلب ته وڏي شيءِ آهي آرٽس فئڪلٽي. انهيءَ آرٽس فئڪلٽيءَ ۾ وري وڏي شيءِ هئي ثميره جي آفيس. ڪنهنکي روئڻو آهي، ڪنهنکي کلڻو آهي، ڪنهنکي علم جا درياهه وهائڻا آهن، ڪنهن کي سنيءَ چانهه جي ضرورت آهي، ڪنهنجو ڪو مسئلو مُنجهي پيو آهي، ڪنهن ادب جي دنيا ۾ ڪا ڪوراڙ ماري آهي ته ڏي ثميره جي آفيس ۾. پوءِ اُتي ڏک به ڇنڊبا ته سُک به پکيڙبا، آٿت به وٺبي، سُني چانهه به پيئبي. ثميره جون سنيون، مٺيون ۽ فلسفيانه ڳالهيون به ٻڌبيون. پوري محفل هئي جنهنکي ثميره آباد ڪري رکيو هو ۽ جڏهين ويئي تڏهين سڀ ڪجهه هتان پاڙ سان گڏ کڻي ويئي.

آءٌ اڃا ڪونه ٿو چوان ته ثميره ڪا فرشتو هُئي، يا شيطان. پر اهو ضرور چوندس ته ثميره ماڻهوءَ هئڻ جي باوجود گهڻن ماڻهن کان مٿيري هُئي. ٻهراڙين ۾ ڪن ڪن زالن کي ڏاڙهين جو مَٽ چوندا آهن، سو ثميره به ڏاڙهين جو مَٽ هئي. آفيس ۾ آفيس جي ماڻهن توڙي ٻاهر ڪنهن سان ڪڏهين ڪارو تي نه ڳالهايائين، بهرحال مون ڪيس ڪڏهين روبرو ڪَڙو ٿيندي نه ڏٺو پر پُٺ ڪنهنجو مَنو ٿيندو نه ڏٺم. هرڪنهن سان وقت قُرب ۾ ڪاٽيائين پرگهرجي ياتين، پنهنجي ياڻن، ماءُ ۽ پنهنجي پيڻ جي اولاد لاءِ

ايڏو موهه ۽ محبت مون ٻئي ماڻهوءَ ۾ نہ ڏٺو. خاص ڪري ڪيس پنهنجي ڊاڪٽرياڻيءَ سان ڪي وڏا قرب هئا. اهو ويچارو ڪو بيمار رهندو هو. (پوءِ تہ گذاري ويو.) سدائين اُٿي ويٺي ڊاڪٽرجو ذڪرپيو هلندو هو. 'منهنجو ادا هينءَ منهنجو ادا هونئن.' مطلب تہ ڳالهہ پئي هلندي هئي. هڪڙي پيري پاڻس ڪو ڪَٽ تان اُٿيو يا نيڪ ٿيو اِنهيءَ ڏينهن اهڙي تہ خوش ٿي جو مون چيو تہ اِجهو ٿي پَرَ ڪريو اُڏامي، سڄيءَ آفيس جي پٽيوالن کي خرچيون ڏنائين. اسانکي چانهين مٿان چانهيون پياريائين ۽ پيو الائي ڇا ڇا ڪيائين.

پٽيوالن کي خرچيون ڏيڻ واري سخاوت ڪا انهيءَ موقعي تي اختيار ڪانہ ڪئي هئائين. سندس اهو ڏنڌو سدائين هلندو هو. عيد براد آئي، گهر مان خوشيءَ جهڙي خبر ڊائين يا ڪو اهڙو پيو موقعو آيو تہ پوءِ پرس کي ائين کوليندي هئي، جڻ اندر کولي رکيو اٿس. مونکي تہ اهو خيال ٿيندو هو تہ مٿان پئسا ڏيندي پرس جو ڪو ٽڪر ڇڪي ڪڍي ڪنهنکي ڏيئي نہ ڇڏي. اديب جي ذات ڪيڏي بہ وڏي دل رکندي هجي، مٿانئس ڇپر مَٿي وجي تہ نہ ڪُڇي، اديب ڪيڏو بہ ڊڄڻو هجي ۽ خون خرابي کان پاسو ڪندو هُجي، پرجي اوهانکي ڪنهن اديب جي هٿان مٿو ڦاڙائڻ جو نرالو شوق پيدا ٿئي تہ رڳو اهو چئوس تہ 'فلاڻو اديب توکان سنو ٿو لکي.' بس سائين پوءِ تہ هڪڙا هوندا ٽپ پي هوندي ڳِڦ، ٽين هوندي ڇاڙيءَ جي هڻ هٿان، پر اديب بہ نہ هجي ۽ رڳو اخبارن ۾ خط ڇپايا هجنس يا هڪڙي ڪهاڻي ۽ شعر لکي پر هر پيري اها ساڳي ڪهاڻي ۽ شعر لکندو هجي يا ڏهين درجي واريءَ اخلاقيات جا دَرس ڏيندو هجي، پلا جي خط بہ نہ لکيو هجيس ۽ چڙا ڏهن انگريزي اديبن جا نالا ياد ڪري رکيا هجنس ۽ بحث بازي ۽ ليڪچر بازي ڪري ڄاڻندو هجي، پر اهو بہ ڇڏيو، رڳو اديبن کي ڪا دعوت دڙي ڪارائي هجيس - بهرحال اهڙي ماڻهوءَ جي مڪمل defination هنن لفظن ۾ بيان ٿيندي تہ 'اهو ڪوبہ ماڻهو' جنهنجا ڪهڙا بہ اکر ڇپيا هجن، ڪنهن

اديب جي دعوت ڪئي هجيس يا ڪٿي ڪو تقرير ڪرڻ جو موقعو مليو هجيس تہ اُنکي سنڌي زبان ۾ اديب چئبو آهي.' سو انهيءَ تعريف تي نهڪي بيهندڙ ڪنهن بہ اديب کي رڳو ايترو چئو تہ پوءِ ڏسو تہ ڪيتري ويهين سوءُ ٿو ٿئي، 'اصلي تي بڙي اديب' تہ اچا بہ وڏي شيءِ آهن ۽ اوهانکي خبر آهي تہ ثميره لکيو، واهہ جو لکيو، راڄن مچيو، سندس فن تي ماڻهن رايا ڏنا، اڄ بہ سندس ڪهاڻيون سنڌي ادب ۾ پنهنجو مقام رکن ٿيون. سو هڪڙي ڏينهن بنا انهيءَ ارادي جي تہ ثميره جي صبر جو امتحان ونجي، اها حقيقت ڪيس چئي ويٺس تہ 'ثميره توکان خيرالنساءِ جعفري سٺو ٿي لکي.' چوڻ کانپوءِ وچي اک پٽيم ۽ انتظار ڪرڻ لڳس رد عمل جو. پر ثميره اها ڳالهہ مڃي ، نہ رڳو منهنجي منهن تي مڃيائين، پر پرپٺ بہ مڃيندي رهي. سچائيءَ کي ايڏي حوصلي، ايڏيءَ بردباريءَ ۽ فراخدليءَ سان مڃي وهڻ ڪنهن جهڙي تهڙي اديب جو ڪم نہ آهي، انهيءَ لاءِ ڏهہ دليون کپن. نہ تہ هرڪو ادب جو جام ٿيو، مٿي تي وڏو پٽڪو ٻڌيو، هٿ ۾ فتوائن جي لوڙهہ کڻيو هلي، ڪنهن کي چئي تہ ڏسو تہ تون ننڍو ۽ فلاڻو وڏو. پلا پري نہ وڃي، اهو جيڪو مون جملو ثميره کي چيو، اُهو جملو اُبتو تہ ڪري چئو پوءِ ڏسو خيرالنساءِ جعفريءَ جا ڪم.

ثميره ۾ ٻگهي ادبي بحث ۾ پوڻ ۽ ڪنهن پاڪستاني فلم تي بہ بقراط مٿي بحث ڪرڻ ۽ ماڻهن جي جهالت ۽ لا علميءَ تي روئڻ جي عادت صفا نہ هئي، ٻڌندي گهڻو هُئي، ٻڌائيندي گهٽ هئي. البت پنهنجي پياري پاءُ جو ذڪر جڏهن ڪندي تڏهن ٻڌائيندي گهڻو هُئي ۽ ٻڌندي صفا ڪا نہ هُئي.

'ٻڌڻ' جو منجهس هڪ ٻيو نرالو شوق بہ هو ۽ اتفاق سان اهو شوق مونکي بہ هو ۽ آهي.

اُهو هيئن تہ -

انگريزي نہ مونکي ايندي آهي نہ ثميره کي ايندي هُئي، اهو اسان کان ڪونہ پڇندو هو تہ سنڌي جملن ۾ انگريزيءَ جا لفظ يعني انگريزي ڳالهائڻ

۽ ماڻھن تي رعب جمائڻ جي خواھش پوري ڪيون. اسان انھيءَ خواھش کي پوري ڪرڻ لاءِ ٽن ماڻھن کي شڪار بڻايو، ھڪڙو شھاب ثاقب ھاليپوٽو، ٻئي رعنا صديقي ٽيون زاھد مخدوم. ثميره جي اھا ڊيوٽي ھئي تہ رعنا کي ڦاسائي اچي، منھنجي اھا ڊيوٽي ھوندي ھئي تہ شھاب ۽ زاھد کي ڦاسائي اچان ۽ سائين بقادار شاھہ تي اھا ڊيوٽي ھوندي ھئي تہ جيڪا چانھن ناھي، سا اھڙي ناھي جو اڳي کان بہ زتيون ڪسر ھجي. جڏھن سچو ٽولو آفيس ۾ اَچي گڏ ٿيندو ھو تڏھن ڏاڍن کي چڪ ڏيندا ھئاسين ۽ انگريزيءَ ۾ چڪ ڏيندا ھئاسين پوءِ تہ سائين اھي وري ٿيئي اھڙا ھئا جو وينو انگريزي پڙ. زاھد مخدوم ريل گاڏيءَ وانگر پھرين بہ ڪوُڪون ڪندو ھو. پوءِ آھستي آھستي ڪڙ ڪڙ ڪندو ھو ۽ ذري ڪانپوءِ جپان جي ٽرين وانگر ڪڙڪا ھوندا ھُئس. رعنا عينڪون ناھي اسپورٽس ڪار وانگر پھرين بتيون ٻاري پوءِ وڃ سڄڻ تي ويندي ھئي ۽ شھاب تہ اُٿندي ساڻ چوٽ تي وڃي پھچندو ھو. پوءِ ثميره تہ ڳل تي ھٿ ڏيئي ماٺ ڪري ائين ٻڌندي ھئي جڻ تہ ڪو چلو پچايو ھجيس ۽ انگريزي ٻڌڻ ۾ ايڏو سڪون ثميره ئي حاصل ڪري پئي سگھي. اسانجي انھيءَ نرالي شوق جي تان تڏھين وڃي ٽٽندي ھئي جڏھين اھي ٿيئي ٻاھر نڪري ويندا ھئا. نڪرڻ ڪانپوءِ اسانجي وچ ۾ اھو فيصلو ٿيندو ھو تہ مَلھہ ڪنھن ماري؟ منھنجو ووٽ ڪڏھين رعنا کي تہ ڪڏھين زاھد کي ملندو ھو ۽ ثميره جو ووٽ ھر ڀيري شھاب ھاليپوٽي ڏانھن ويندو ھو. پر ھئا ٿيئي مٿو مٽ. اھي ملاڪڙا ڳچ ڏينھن ھليا پر جڏھين ٽنا تڏھن ثميره کي بہ ٻاڻ سان گڏ ڪٽي ويا. زاھد مخدوم تہ نوان دوست ڳولي وڃي لڌا، رعنا بيمار رھڻ لڳي ۽ شھاب وڃي جدي جا وڻ وسايا ۽ جتان خط جي چٽڪي بہ ڪونہ موڪليائين ۽ ثميره اھڙا وڻ وسايا، جتان وري ڪو موٽڻو نہ آھي.

**(ثميره زرين جي ورسيءَ تي پڙھيل)**

# گلن ۽ پوپٽن جي راڻي - ثميره

منڙي ثميره - ٽن سالن کان ڪجھہ وڌيڪ عرصو اسان کان جدا ٿي نيرين وسعتن ۾ پاڻ لڪائي ڇڏيو. ١٣ آگسٽ جي بي رحم صبح - بزرگ ڏکويل ماءُ کان جواڻ جماڻ ڌيءَ جدا ڪري هميشه لاءِ - ڀينرن کان پياري ڀيڻ الڳ تا قيامت - اڄ انهيءَ جي ڪهاڻين جو پهريو مجموعو ’آءٌ اهائي مارئي‘، اوهان اڳيان آهي. آءٌ ثميره سان گڏ آخري گهڙين تائين - آءٌ جيڪا نہ اَديبہ آهيان نہ نقاد - ڪچي قلم سان ثميره جي زندگيءَ جي باري جو ڪجھہ لکنديس جنهن جي مونکي ڄاڻ آهي.

ثميره هڪ شخصيت - پنهنجي فئمليءَ کان مختلف - سيني کان اوچي دماغ واري. پسند جو معيار نهايت بلند - هن جي هرهڪ چيز پسند جي اوچائيءَ جي دعويٰ ڪندڙ - ننڍپڻ کان وٺي پنهنجي الڳ ٿلڳ دنيا ۾ مگن - مطالعي جو تمام گهڻو شوق، چوڪري هئڻ جي باوجود ڪڏهن بہ گڏين سان راند کونہ ڪيائين ۽ نہ وري زيورن پائڻ جو شوق. ننڍپڻ ۾ چنڊ تمام گهڻو وڻندو هيس ايتري قدر جو پاءُ کان پڇندي هئي تہ ’ادا چنڊ ۾ ڪير ويٺي آهي؟!‘ ادا چوندو هيس تہ ’چنڊ ۾ چوڪري ويٺي چرخو ڪتي‘. تہ هڪدم چئي ڏيندي هئي ’نہ ادا هن ۾ تہ چوڪري ڪتاب ويٺي پڙهي.‘ منجھند جو نٽهڻ اس ۾ جڏهن اسين سڀ ستا پيا هجون تہ ثميره اميءَ کان لڪي آهستي آهستي باغ ۾ هلي ويندي هئي، جتي ڪوئل جي ڪوڪ ٻڌي ان کي ڳولهڻ لڳندي هئي. ڪوئل تہ ڏسڻ ۾ ڪين ايندي هيس البت رنگ برنگي پوپٽن جي پويان پوندي هئي. ڪڏهن ادا جي اک کلي پوندي هئي تہ اسان کان پڇندو هو تہ * ليلي ڪٿي آهي ۽ ڳولهڻ لاءِ باغ ۾ هليو ويندو هو.

* سندس پاءُ ڊاڪٽرجي. ايم. اَعواڻ کيس پيارمان ليلي يا گگني چوندو هو.

ڪيس تيز اس ۾ پوپٽن جي پنيان ڊڪندو ڏسي چوندو هيس تہ ’پلا تون پوپٽن جي راڻي آهين ڇا؟!‘ - هڪدم جواب ۾ چوندي تہ ’ادا مان پوپٽن ۽ گلن جي راڻي آهيان.‘ پوءِ اڪثر ادا ڪيس گلن ۽ پوپٽن جي راڻي ڪري سڏ ڪندو هيو. گل بيحد پسند هيس ايتري قدر جو جتي بہ قيام ڪندي اول گلن جي سجاوٽ ڪندي. چهري تي فرشتن جهڙو تقدس، دل نرم و نازڪ ۽ حساس ايتري قدر جو گهر جي ذرا بہ خفگي ڪيس بي آرام ڪري ڇڏيندي هئي. والدين جو سيني ٻارن ڪان وڌيڪ ثميره سان پيار هو ڇاڪاڻ تہ آخرين ٻار هئي ۽ سڀاجهي بہ - والدين سان گڏ ڪٿي بہ ويندي هئي تہ ڏسڻ وارا پيار ڪرڻ ڪان سواءِ رهي ڪونہ سگهندا هئا.

جڏهن پرائمري اسڪول ۾ پڙهندي هئي تہ هڪ لڳا اميءَ ڪان پڇيو هئائين تہ ’امي منهنجي هڪ سني ساهيڙي آهي جنهن جي ماٽيجي ماءُ آهي! تون منهنجي سڳي ماءُ آهين يا ماٽيجي!‘ اميءَ لاپرواهيءَ سان جواب ڏنس تہ ’مان بہ تنهنجي ماٽيجي ماءُ آهيان‘. ڪافي عرصي ڪان پوءِ جڏهن امي والد صاحب جي دوست جي دعوت تي سندن گهر ويئي تہ اميءَ کي دوست جي زال چيو تہ توهان ننڍي ڪڪيءَ جي ماٽيجي ماءُ آهيو - امي هڪ ٻڪي تي ويئي ۽ پڇڻ لڳي تہ ’توهان کي اهو ڪنهن ٻڌايو آهي‘. هن چيو تہ ’مون کي توهان جي ننڍي ڪڪيءَ ٻڌايو آهي‘ - ’مان بہ ڪڪيءَ جي دل رکڻ لاءِ ڪيس چيو تہ آءٌ بہ بلقيس جي ماٽيجي ماءُ آهيان‘ - اهو ٻڌي اميءَ ڪان ٽهڪ نڪري ويو ۽ ڪيس ياد آيو تہ هڪ دفعي هن بي خياليءَ ۾ چيو هيو تہ هوءَ سندس ماٽيجي ماءُ آهي - ان وقت امي ثميره کي خوب پيار ڪيو ۽ چيو ’مان تہ تنهنجي سڳي ۾ سڳي ماءُ آهيان ۽ تون تہ منهنجي پياري ۾ پياري لاڏلي ڌيءَ آهين‘.

ايتري ننڍيءَ عمر ۾ ئي دل حساس هيس حالانڪ ان عمر ۾ دل جو ڪم صرف ڌڙڪڻ هوندو آهي. ڏک ۽ سور محسوس ئي نہ ٿيندا آهن. والد صاحب جي وفات جو گهرو اثر ٿيس، جنهن سبب ڪيترا ڏينهن چپ چپ رهڻ

لڳي. ليڪن پياري ياءُ * ڊاڪٽر جي لاءِ لا محدود پيار ڪيس نئين سر زندگي بخشي. ساڳئي لاپرواهہ خوش مزاج ثميره ڇهري تي گلن جهڙي تازگي.

گلن جهڙيءَ مهڪندڙ ثميره يونيورسٽيءَ ۾ قدم مس رکيو تہ پياري ياءُ ڊاڪٽر جي طبيعت ٺيڪ نہ رهڻ لڳي. حساس دل برداشت ڪندي رهي. پياري ياءُ جي بي وقتي موت قوت برداشت ختم ڪري ڇڏي ۽ اندرئي اندر ٽٽندي رهي. آخر اهو گل ڪومائجي ڪري پيو ۽ هميشه هميشه لاءِ ٿڌي مٽيءَ جي سونڌي سونڌي خوشبوءِ ۾ وڃي آرامي ٿيو. هن بي قدر ناهنجار دنيا جي تند ۽ تيز هوائن کان بچڻ لاءِ مٽي ۽ ابدي ننڊ ۾ وڃي سٽي ۽ انهيءَ ديس سان لاڳاپو جوڙيائين جتي دوکو نہ دولاب. جتي دشمني نہ دل آزاري.

ثميره جون ڪهاڻيون منهنجي پسند، پڙهندڙن جي پسند. ثميره عورت کي بلند ڪردار ۾ ڏسڻ چاهيو، جنهن جي غمازي هن جي هرهڪ ڪهاڻيءَ مان ظاهر آهي. هن جيڪي ڪجهہ لکيو ماحول کان متاثر ٿي لکيو. هن جون ڪهاڻيون تہ جيئرا جاڳندا ڪردار آهن ۽ حقيقت تي مبني آهن جنهن جي ساک آءٌ بہ ڏينديس. ڪيترن پاڻرن ۽ ڪن پينرن کي شڪايت آهي تہ هن جا افسانا سنڌي ماحول جي عڪاسي نٿا ڪن. تنهن جو سبب آهي تہ ثميره پڙهيل ڳڙهيل خاندان جي دختر آهي. هن جي اردگرد جيڪو ماحول آهي، تنهنجي ترجماني ڪئي اٿس. هن شڪارپور شهر ۾ جنهن کي ڪنهن وقت سنڌ جو 'پئرس' ڪري چوندا هيا انهيءَ ۾ اکيون کوليون آهن، ڳوناڻي ماحول سان هن جو دورجو بہ تعلق نہ آهي. هن جي خاندان جا فرد وڏن عهدن تي فائز هيا ۽ آهن.

جن پاڻرن ۽ پينرن شڪايت ڪئي آهي تہ ثميره پنهنجن ڪهاڻين ۾ اهو ماحول ٿي ڏيکاري جيڪو سنڌين لاءِ ممڪن نہ آهي. انهن کي جوابن عرض آ تہ توهان سنڌين کي فقط ڳوٺن ۾ ئي ڏٺو آهي ڇا؟ ڀلا ڪوبہ سنڌي پڙهيل

---

* ڊاڪٽر جي. ايم. اعوان

ٻُڌهيل نہ آهي، نہ وري وڏن عهدن تي فائز!. سنڌين کي لکڻ لاءِ فقط ڳوناڻا ۽ زميندار آهن ڇا؟ سنڌي شهري بہ آهن. آفيسر بہ آهن انهن جا بہ مسئلا آهن، ڪجهہ معاملا آهن انهن جون بہ ريتون رسمون آهن جيڪي اڻ سهائيندڙ ۽ غير موزون آهن.

گذريل سال 1979ع 13 آگسٽ تي ثميره سان شام. آءٌ اتي موجود. ثميره لاءِ ڪيترن پائرن ۽ ڪيترين پينرن جا تاثرات : ماهتاب چنا چيو تہ 'ثميره جو ڪتاب 'گيت اُجايل مورن جا' ڪيترن پڙهيو ئي نہ هوندو' - سڀ ماڻهو هرڪنهن کي پڙهن - اهو ممڪن نہ آهي. هر دور ۾ هر قسم جا انسان پيدا ٿيندا رهن ٿا. هرهڪ جي پسند الڳ ڪنهن کي ٽي - وي. ڪنهن کي ٿئيٽر وغيره وغيره. ٿي سگهي ٿو تہ ڪي انسان اڄ بہ ادب ۾ اينٽروگر هجن جو ٽي - وي ۽ ٽي ماهتاب کي ڏٺو نہ هجين. هرهڪ جي پسند جو الڳ انداز آ. دنيا جو وهڪرو هلندو رهندو. ادب ڪڏهن بہ مري نہ سگهندو تاثر بدلجندا رهندا. ائين بہ نہ آهي، تہ ثميره جو ادب سيني کي پسند هجي. انسان ڪو بہ آخري انسان نہ آهي. هر انسان نامڪمل، هڪ انسان کان ٻيو وڌيڪ بهتر. انهيءَ ڪري زندگيءَ جو ٻيو نالو جدوجهد آهي. جيڪڏهن مان چوان تہ مون کي ڪي ڪهاڻيون خيرالنساءِ جعفريءَ جون ثميره جي ڪهاڻين کان وڌيڪ پسند آهن تہ ڪوڙ نہ آهي. ٿي سگهي ٿو خير النساءِ کان بهتر ٻي اديبہ پيدا ٿي هجي يا ٿئي. مون خير النساءِ جا تاثرات ثميره جي ورسي تي ٻڌا تہ مون کي خاص ڪونہ آئڙيا. جڏهن اهي ساڳيا، 'سنڌي ساهت' ۾ پڙهيم تہ مون کي سندس هڪ هڪ لفظ موتي برابر لڳو. ان وقت مون چاهيو تہ لفظ خير النساءِ جا هجن ۽ ادائگي مهتاب جي هئڻ گهرجي. انهيءَ جي ڪري ئي انسان نا مڪمل ٿيو پوي. لازمي آهي ثميره بہ ڪٿي ڪٿي نامڪمل رهجي وئي هجي.

بهرحال ثميره برک اديبہ هئي. هند ۽ سنڌ ۾ هن جا قدردان موجود رهندا. مهتاب چنا وڌيڪ چيو تہ هڪ لڳا مون کيس ريڊيو پاڪستان طرفان انٽرويو لاءِ دعوت ڏني جا لنوائي ڇڏيائين جنهن ڪري مون کي غصو آيو تہ لکي ادب ۾

ڇا پيئي ۽ پاڻ زندگيءَ ۾ ڪري ڇا پيئي. مطلب ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ بند روائتي سنڌي عورت -

مهتاب ! ائين تہ ڪونہ هيو، انسان ڪڏهن ڪڏهن غلط اميج بہ قائم ڪري ڇڏيندو آهي. خبرنہ آهي تہ الائجي ڇو هوءَ اشتهاربڻجڻ نہ چاهيندي هئي. هن جي خوددار طبيعت اهو ڪجهہ ڪيو، جيڪي هن چاهيو، هن جي نازڪ مزاجي ۽ حساس طبيعت ڪري ڪڏهن بہ ڪنهن پنهنجو رايو مٿانئس ڪو نہ مڙهيو هو. هن جو اڪيلو هئڻ بہ سندس خوددارطبيعت ۽ حساس دل جي ضمانت آهي. هن پنهنجي زندگيءَ ۾ داخل ٿيڻ جو حق ڪنهن انهيءَ ڪي ڪونہ ڏنو، جيڪو ڪيس اوپرو لڳي. هن زبان ٿيڻ کان بهتر اڪيلائيءَ کي ترجيح ڏني.

آخر ۾ مان انهن پاڻن جي نهايت ٿورائتي آهيان، جن ثميره جي ڪهاڻين کي سهيڙي هڪ ڪتاب ۾ قيد ڪيو ۽ ثميره کي وري ياد ڪيو. ثميره جيئندي، جڳ جڳ زنده رهندي. ثميره جا خوددار هئي، حساس هئي، زنده دل هئي؛ ثميره ڪهاڻين ۾ جيڪي لکيو اهو ڪري بہ ڏيکاريو. اڪثر اديب لکندا ڪجهہ آهن، ڪندا اهو آهن، جيڪو سندن مفاد ۾ هوندو آهي. ثميره ثابت قدم رهي. ثميره هن دنيا مان پنهنجي لاءِ ماڻڪ موتي ميڙي وئي، جيڪي عدم آباد ۾ ڪيس چنڊ جي چانڊوڪي، گلن جي خوشبوءِ ۽ پوپٽن جون رنگتون بخشيندا. ثميره جي شخصيت تي فخر سندس پوري فئملي کي آهي. ثميره پنهنجي عظمت جو مثال پاڻ هئي. جيڪو پنهنجي غمگين ۽ ڏکويل پيرسن ماءُ لاءِ زندگي گهارڻ لاءِ اطمينان جو سبب آهي.

ليک/ نثارحسيني

# ثميرا سان شام

بس ڀ تي ڏينهن اڳ جي ڳالهه آهي، جو هن ئي شام جو هُل هليو هو- اخبارن، ادبي ڪيترن ۽ سنڌ يونيورسٽي ۽ ان جي آرٽس فيڪلٽيءَ ۾ ..... سنڌالاجيءَ ۾ پڻ !

شامون ..... شامن جهڙيون - پيون اچن ۽ وڃن ۽ اڏامن پکين جي ولرن جيان! پر هيءَ شام؟ ! .......

.................

اچ جي شام ..... ڪنهن پڇيو هو :

...... چيو هيوم ڪيس :

’اچ جي شام ثميرا سان آهي‘ -

’ثميرا سان شام !؟‘ اکيون ڦوٽاريون هيائين عجب مان!

’ها، اچ ثميرا سان شام آهي .....‘ اچ ثميرا جي شام آ ..... اچ جي شام ثميرا جي بلي آ ..... اچ جي شام ثميرا زوريءَ ڪسي پنهنجي نانءُ ڪئي آهي ..... سندس جواڻ جماڻ جيون جي بدلي - صرف هڪ شام .... !!

ڪارن ڪوجهڙن ڪڪرن جي اوٽ ۾ آيل اچ جي هيءَ شام - 13 آگسٽ واري هيءَ نما شام ثميرا جي تہ شام آهي. (هرهميشه) - ان ئي ڏاڍڻ شام ڳجهه ڳوهه ۾، اوچتو، اويلو، ڪمهلو ۽ زوريءَ ڪانئس جيون کسيو هو. پلر جي ڪنگو پاڻيءَ جهڙو اجرو جيون ! ها ..... اها شام - اچ جي شام - ثميرا جي شام - ثميرا جي نانءُ شام - ثميرا سان آهي ......

شام جا سايا پنج وڳا آهن، آڪاس تي چانيل سانورن ڪڪرن جي چانو ۾، ساهت ڪيتر جي ارڙهن ساهت پريمين جو هيءُ سٿ حيدرآباد مان شاهہ لطيف آباد ڏانهن روانو ٿيو آهي. ڪيڏانهن؟ ! - اوڏانهن ..... جتي ثميرا

آهي - گيت اُڇايل مورڻ واري ثميرا - سنڌي ادب جي خانون اول ثميرا، سدا مرڪندڙ، پرخلوص ثميرا .....

’اسين آيا آهيون ادي! سنڌي ادب جا پريمي - توکي تہ اوسيئڙو هوندو اڄ ! ..... پر وهنداسين ڪونہ - جهٽ پل ۾ هليا ويندا سين .... تنهنجي چانهہ چکي بہ نہ پيئنداسين ڇو تہ اسان کي وري واپس وڃڻو آهي اتي جتي توسان اڄ شام آهي‘ -

’اَهڙي بہ تڪڙ ڪهڙي منا ياءُ - مان پنهنجي پلن پائرن کي بنا ڪنهن آدرياءُ جي ائين ڪيئن وڃڻ ڏيندم - پرپڌايو تہ ڪير ڪير آيو آ اڄ مانوٽ!.....‘

’امداد حسيني، ولي رام ولڀ، ظفر حسن، اعجاز قريشي، قاسم ٻگهيو، مدد علي سنڌي، نصير مرزا، طارق عالم، خان محمد پنهور، بلبل ڪورواهي، عابد مظهر، محمد صالح شيخ، اخلاق انصاري، نياز پنهور، مشتاق ڪامالٽي ۽ تنهنجو پلو پاءُ اياز ۽ مان (نثار).‘

’اياز! - ٻڌاءِ تہ سهي، اڄ وري بہ منهن لٽل اٿئي! ڪجهہ آهي تہ ضرور!‘

’ڪجهہ بہ تہ نہ!‘

’وڏي ڀيڻ ڪان لڪائين ٿو ..... ها تو منهنجي نصيحت تي عمل ڪيو؟! ڏس مان تنهنجا ڪن پٽيندس ..... نہ تہ ’خوش گذار‘ .... ۽ نثارپاءُ تون تہ آيو هوندين پڪ ڪهاڻي ونڻ لاءِ، اول انهيءَ ڪهاڻي (وڇايل واٽ) جي آخري قسط ڇاپ تہ پوءِ ٻي ڏيندي مانءَ .... ڏس فيئرپئي ٿي ڪريان.‘

پرمان تہ نئين ڪهاڻي نہ ونڻ آيو آهيان ڀيڻ ..... مان تہ هنن ساٿين سان گڏ آيو آهيان ..... ها گلن جي پيتا ڪٽي.

تہ چڱو ڀيڻ هاڻ موڪلائي ..... پرهو محبوب، حميد ۽ رشيد بہ اجهو هاڻي آيا آهن، ۽ چاند ٻيبي جيڪا هن ست سان نڪرڻ وقت گڏ هئي پر رستي پل ڪري پوئتي رهجي ويئي آهي، ايندي ضرور هت، جي نہ تہ اُت جتي توسان اڄ شام آهي - ها اتي تنهنجيون اهي سڀ جيڏيون : خيرالنساءِ، تنوير جوڻيجو، نسيم ٿيٻو ۽ مهتاب چنا بہ تہ ايندي يون ..... چڱو هاڻي اسين هن محل هلون ٿا

..... تنھنجي گھر ڏانھن ..... گھر تي پھچي گھنٽي وڄائي اٿئون .... ڪوئي آيو آهي، ها ادي (تنھنجي پيڻ) پنل نيڻن کي اگھندي، اسان کي پسي مٽي امڙ کي اطلاع پھچائي ٿي، سيني کي مٽي اَڇڻ لاءِ چوي ٿي ..... اسين اھا ساڳي ڏاڪڻ چڙھي مٽي پھچون ٿا ..... سڀ ڪجھہ ساڳيو، چوڪون ان جي مٿان ول ۽ ڊرائنگ روم ..... تنھنجو ڊرائنگ روم، جنھن ۾ وينل دکي ماءُ ۽ دکي ڀينر، اکيون جن جون اپاڪيون، پائيون، سھميل سڏڪا، سامھون تنھنجون تصويرون، فريم ٿيل ھڪ ڪلرڊ ۽ ھڪ بليڪ اينڊ وائيٽ! ھا سڀ ڪجھہ ساڳيو، ڊرائينگ روم وارو محراب ساڳيو! ٽيبل ساڳي .... اھا ٽيبل جنھن تي تون ويھي پنھنجي اندر جي اڌمن کي اوتيندي ھئينءَ ڪورن ڪاڳرن تي ..... ’کجور جو وڻ‘ وارو، جيون جا سندر سپنا ناھي ۽ اُٺي جيئندڙ ڪاليجي ڪکي رابعي وارو ڪردار بہ تہ تو انھيءَ ٽيبل تي تخليق ڪيو ھو! - ’شمع پارپندي شب‘ واري روايتي مومل ۽ ’مومل جو ڏھاڳ‘ واري ھن دور جي ڏھاڳڻ مومل وارا ڪردار بہ تہ تنھنجي فن جا شاھڪار آھن ۽ ’پلئہ پايو ڪچ‘ واري ڪوجھڙي، ’رمندا بادل‘ واري گليمر گرل، ’سوريءَ سزا وار‘ واري خود اعتماد فرزانا ۽ ’وطن‘ وارو راڄ تنھنجي قلم جا اٿوسرندڙ ڪئريڪٽر آھن - تنھنجا اھي دکي، ڪل مک، مجبور سباجھا ۽ امر ڪردار ھتي، ھن محل پاسجي پيو سڀ جيئرا جاڳندا تنھنجي ٽيبل جي اردگرد موجود آھن پر تون ڪانہ آھين! عجيب سناٽو آھي ماحول ۾، ھرڪو ھڪ ھنڌ جميل ۽ ٽڪيل، سندن نظرون ڪنھن محل امڙ ۽ ادين جي اداس چھرن تي ڪنھن ويل ڊرائينگ روم جي دروازن ڏانھن کڄي ٽيون وڃن، انھيءَ اُميد ۽ آس ۾ تہ ھن پل ڪنھن نہ ڪنھن دروازي مان تون ايندينءَ ۽ پنھنجي مخصوص انداز ۾ ’منا ياءُ - پلا ياءُ‘ چئي سيني کي ڪيڪارينديءَ، چانھہ جي چڪيءَ کان سواءِ ڪنھن کي بہ نہ ڇڏيندينءَ !! اڻين بہ ناھي تہ ڪو تون اسان ۾ ناھين ..... تون بلڪل اسان سان گڏ آھين ۽ گڏ ھلندينءَ اتي جتي تو سان اڄ شام آھي، ھا ثميرا سان شام .....

مانوارا مهمانو - پائرو ۽ پينرو !

هن مهل شام جا اٽ ٽا ٿين، اڄ جي شام جي ڪاروائي شروع ڪجي ٿي. هي شام جا آهي سنڌي ادب جي خاتون اول ثميرا زرين جي نان ۾، تنهنجو اهتمام ڪيو آهي اگم پبلشنگ ايجنسي ۽ سنڌ گرئيجوئٽس ائسوسئيشن حيدرآباد برانچ. هن شام جي صدارت ڪري رهي آهي ثميرا جي جيڏل ۽ برڪ ليکڪا خيرالنساءِ جعفري ۽ مهمان خصوصي سندس مٺو ياءُ ممتاز اعوان آهي پر جيئن تہ ڪنهن مجبوريءَ سبب هو ڪراچيءَ کان پهچي نہ سگهيو آهي، تنهنڪري هتي موجود سنڌي ادب جي بزرگ ليکڪ محمد عثمان ڏيپلائيءَ کي مهمان خصوصي جا فرائض انجام ڏيڻ لاءِ گذارش ٿي ڪجي. هاڻي مهتاب چنا صدرکي صدارتي بيبچ ۽ مدد علي سنڌي مهمان خصوصيءَ کي بيبچ لڳائڻ لاءِ اسٽيج تي آيا آهن. .........

خيرالنساءِ جو چهرو ڪيئن ٿو لڪائجي! ثميرا اڪٽرڪيس چوندي نہ هئي : ’خيرو، بي ايمان! توکي مان سان ايترو پيار ناهي - جيترو مان کي توسان ....‘ پر هوءَ جواب ڇا ٿي ڏي : ’ثميري! اسين آهيون تہ انتهائي پيار ڪرڻ وارن مان .... پر منهن مان لڪايون ڪونہ .....‘ ’آهي نہ ائين!!؟‘ -

شام جي شروعات قران پاڪ جي تلاوت سان ٿئي ٿي ۽ غفران عاقلاڻي اَچي تلاوت ڪئي آهي. خان محمد پنهور آيل مهمانن جو آڳم ۽ سڳا پاران آدُرياءُ ٿو ڪري. هاڻي سڏ ٿيو آهي بلبل ڪورواهيءَ کي سندس لکيل ڪهاڻي پڙهڻ لاءِ - (سامعين کي شايد تعجب ٿو ٿئي، هھڙي موقعي تي ڪهاڻي پڙهڻ جو پڌي!) بلبل ڪهاڻي پڙهڻ کان اڳ هن ئي هنڌ تي نسيم کرل جي ياد ۾ ڪوئايل تعزيتي گڏجاڻيءَ ۾ پڙهيل شعرجو هڪ بند پڙهي ٿو : ’او! نظام نانگ اسان جي ذات کي اجا پلي تون ڏنگ هڻ -ڪسي بہ وٺ اسان کان ڪنوات هي جوانيون .... پري بہ ڇڏ اسان جي نس نس ۾ زهر‘ - ۽ پوءِ هو ’هڪ ليکڪا جو موت‘ جي سري سان، ڪهاڻي پڙهڻ لڳي ٿو، ڪهاڻي ٻڌڻ کان پوءِ ذهن ۾ سوال ٿو اڀري : ’ليکڪا جو موت ڪيئن؟ ڪنهن جي هٿان؟ ڪهڙين حالتن ۾؟‘

- ياد ٿو پويم امداد جو ثميرا جي مرتئي تي ڏنل تاثر: ’ثميرا مري ويئي آهي يا حالتن هٿان خون ٿي ويئي آهي؟ جيڪڏهن اسان جي هٿن تي ثميرا جو رت لڳل ناهي، تہ پوءِ انهن کي، هر هر ڌوئڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟!‘ - هڪ نظر هال ڏانهن بہ ڪجهي وجهي ٿي جتي موجود ڪنهن کي بہ هٿ ڌوئڻ جي ضرورت ڪانهي !! - هاڻي ليڪڪ عبدالقادر جوڻيجو جيڪو ثميرا سان سنڌالاجيءَ ۾ گڏ ملازم هو، هن ثميرا جي شخصيت کي جنهن نموني ڏنو هو، تنهن تي هڪ شڪل (خاڪو) ’ثميرا زرين‘ جي سري سان پڙهي ٿو.

ها، چڱو جو ياد ڏياريو، مون کي تہ اوهان کي آيل مهمانن سان سڃاڻپ ڪرائڻ وسري ويئي! تہ نيڪ ڪوشش ڪيان ٿو وڏ ۾ وڏ مهمانن جي واقفيت ڪرائڻ جي : هي اسٽيج جي ساڄي ونگ کان : ثميرا جي وڏي ادي، پاڻيڄي ۽ چاند بيبي ويٺل آهن.

هي اسٽيج جي کاٻي ونگ کان : غلام حسين شيخ ريڊيو رپورٽنگ لاءِ ڪارروائي رڪارڊ ڪري رهيو آهي ۽ سندس پرڀ ۾ ويٺل آهي سنڌالاجيءَ جو ملازم قاسم حيدر جيڪو ويچارو حڪم جو بندو هن سڄي شام جي روئداد رڪارڊ ڪندو جيڪا سنڌالاجيءَ ۾ واڄبي! - اها ئي سنڌالاجي جتي ثميرا سالن جي لڪ لڪوٽيءَ کان پوءِ پهريون ڀيرو، سنڌي سماج جا صديون پراڻا سنگهر ٽوڙي پاڻ پسايو هو ......

سامهون واري رو ۾ : ثميرا جون جيڏيون مهتاب چنا، عزيزا چنا - حميد سنڌي، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊاڪٽر شريف ميمڻ ۽ آغا احد جان.

- پٺين رو ۾ : تنوير جوڻيجو، نسيم ٿيٻو، ثريا سوز ڏيپلائي، سبحان ابڙو، حميدا ميتلو ۽ زبيدا ميتلو.

- پوين قطارن ۾ : امداد حسيني، ظفر حسن، ولي رام ولڀ، مدد علي سنڌي، محمد علي (آرٽسٽ)، ادل سومرو، اعجاز قريشي، مشتاق ڪاملاڻي، قاضي خادم، بلبل ڪورواهي - عابد مظهر، نياز پنهور، عبدالقادر جوڻيجو، قاسم ٻگهيو، اياز عالم، اخلاق انصاري، مانيٽو اوٺو ۽ ٻيا ڪيترائي ساهت پريمي.

- هي جي بيٺا آهن : نصير مرزا، طارق عالم، اڪبر جسڪاڻي، سڪندر عباسي، غفران عاقلاڻي - ظهور عباسي ۽ فيس ابڙو جو هن شام جي لمحن کي هميشه لاءِ محفوظ ڪري رهيو آهي ڪئميرا جي اک سان.

قاضي خادم جي ثميرا بابت شخصي تاثرات گڏجاڻين ۾ ملاقاتين جي خاڪي کان پوءِ اجهو مهتاب چنا پنهنجو رپورتاز پيش ڪرڻ آئي. رپورتاز جو سرو آهي 'گيت اُجايل مورجا' ۽ مهتاب جي پيشڪش جو انداز ڪيڏو نہ حقيقي پيو ڀاسي - 'رپورتاز ۾ ثميرا جي ڏيٺ ويٺ کان اڳ ۽ پوءِ جون يادون سمايل آهن ۽ هڪ سوال آهي جيڪو سيني ويٺلن ۽ سنڌ جي نئين ٽهيءَ کان پڇيل آهي 'چا توهان 'گيت اُجايل مورن' واري ثميرا زرين کي سڃاڻو؟! -' هوءَ جڏهن انهيءَ سوال تي پهچي ٿي تہ سندس گلو ڀرجي اَچي ٿو، پلٽڻ وارو آهي، هوءَ تڪڙو تڪڙو اسٽيج تان لهي پنهنجي سيٽ تي وڃي ويهي ٿي، اپاڻڪي اداس ۽ گم، سندس نيڻن مان نيرتمي چپرن ۾ اٽڪي پيا آهن.

مهتاب کان پوءِ سليمان سولنگي شعر پڙهي ٿو ۽ ان کان پوءِ قاسم ٻگهيو پنهنجي مخصوص انداز ۾ تقرير ڪري ٿو، ثميرا جي ساڻس پڇاڙڪن ڏينهن ۾ سنڌ الاجيءَ ۾ ٿيل هڪ ملاقات جو ذڪر ڪري ٿو : 'پڇاڙڪن ڏينهن ۾ هڪ ڏينهن ثميرا کي سقراط کي پڙهندي ڏسي چرڪي چيو هوم، 'ثميرا، سقراط تہ زهر جو پيالو پي سچ کي امر بڻائي ويو هو' - تنهن تي ثميرا وراڻيو هو : 'زهر تہ هرڪو پيئندو رهي ٿو پر مري هرڪو نٿو - '

هاڻي وليرام ولپ اَچي اها ڪوتا پڙهي آهي جيڪا اجا اڳهرو ثميرا جي بنيءَ تان ورڻ مهل رچي اَٿس :

### ائڊجسٽ ٿيڻ جي ڪوشش ۾

.................................................

حميد سنڌيءَ کي اوچتي سڏ چرڪائي تہ وڌو آهي، پر سندس ڏيٺ ويٺ ثميرا سان ڪا نئين تہ ڪانهي، هو ثميرا تي ۽ سندس فن تي ڀرپور نموني ڳالهائي سگهي ٿو : حميد چيو هو پنهنجي تقرير ۾ تہ، اهو عجيب اتفاق هو

يا ..... جو پاڻ بہ رجسٽراريءَ تان ھٽڻ کان پوءِ سنڌالاجيءَ ۾ ائڊيشنل ڊائريڪٽر ڪري رکيو ويو ۽ ڪيس اھا ساڳي ڪرسي ۽ ڪوٺي نصيب ٿي جنھن تي ۽ جتي ثميرا ويھندي ھئي ! .......

حميد جي تقرير کان پوءِ وارو آيو امداد حسينيءَ جو. ھو پنھنجو اٽپورو اتي ئي جوڙيل نظم پڙھي ٿو.

جڳن پڄاڻان جمندا آھن، ڪوي، ڪھاڻيڪار
ليڪن ماريا ويندا آھن، منٽن ۾ ھروار

.......................................................................

...... ۽ ھن شام جي پڄاڻي، شام جي صدر خيرالنساءِ جعفريءَ جي لکيل تقرير سان ٿئي ٿي :

ثميرا زنده ھئي! ثميرا مري وئي !! آھي تہ بظاھر مختصر ئي ڳالھڙي. پر ان ھئي ۽ آھي جي مختصر وچوٽيءَ ۾ وقت جو ھڪ طويل وقفو آ - ھڪ دور آ - عھد آ .... تکي مٺي جيون جو رس ڪس آ .....

بيشڪ ثميرا منھنجي دوست ھئي. اول ادب جي اڻ ٽٽ ناتي. ائين جئن ٻالڪ جي مک ۽ ماءُ جي ارھہ ۾ ٿڃ ناتي امر ۽ لافاني رشتو جڙي.

اھو رشتو ساڻس اڄ بہ قائم آ صبحان بہ قائم رھندو. پل ھوءَ جيوت جا سڀ وسيلا ٽوڙي پريءَ کي پور ڪري قبر جي تنھاين ۾ وڃي پنھنجو آڳر اڏي .....

پوءِ ثميرا سان دوستي ٿي سندس شخصيت ناتي. ھوءَ ھوءَ ھئي، آئون آئون ھئس- بس ان ڪري ھڪ ٻئي کي سلھاڙبو آياسين ساڻ ساڻ.ڪيس جيسين نہ ڏٺو ھئم، تيسين ساڻس لاءِ دل ۾ احترام ۽ عزت رکندي آئي ھئس. جڏھن ساڻس مليم تڏھن احترام ۽ عزت ٻين لاءِ ڇڏي ساڻس محبت جوڙي وينس.

ھوءَ ڪيتري قدر قابل محبت ھئي لفظن ۾ نہ ٿي آڻيان. ان ڪري نہ جو محبتن ۾ جيڪي ڳالھيون لکيون وڃن پنھنجي اھميت وڃائي وھن ٿيون بلڪ انھن محبتن جي سھاري ئي تہ غار حرا جي عبادتن آڪاش عظيم جو سفر طئہ ڪيو ھو. دلين جون محبتون ساعتن ۾ معراج جو مزو بخشيو وڃن. پر سچ تہ آئون سندس وقفي وقفي ۽ ڏيرج ڏيرج پر ديرپا ھلندڙ مزاج ۽ محبتن

کي قلم جي کوڙڪيءَ ۾ آڻي ئي نٿي سگهان. مون کي پنهنجي قلم جي ڪمزوريءَ جو پورو اعتراف آ. هوءَ تہ تازي ناريل جو اڇو کير جهڙو اڻ ڇهيو پوتر پاڻي هئي. جنهن مان چڪي چڪي ئي هن جي ون ۽ واس جي مٺاس جو مزو ماڻي سگهبو هو. پانءِ تہ ڪو باغ ارم جي ميون جي مٺاس ۾ ڪا ڪمي هئي. جن جي پورائيءَ لاءِ خالق قدرت ڪيس اوچتو ئي اوچتو فرش تان ڪڻي عرش جي وسعتن ۾ اُڪلائي ڇڏيو.

ثميرا تون پنهنجي شخصيت جي باقي وصفن کي منهنجي اڻ ڇهي ڇڏي وڃڻ کي بخش ڪري ڇڏجانءِ. جيڪڏهن محبتن ۾ ڪو روحاني رشتو آ - پل تہ موت جي وڇوڙي توکي اسان کان ڇني پري ڇڏيو آ ..... پر بہ ايترو سو ايمان ٿم تنهنجي جندڙي پل ڪٽ بہ قبر جي تنهاين ۾ قيد هجي. پر تنهنجي جان هتي ئي ڪٿي اسان جي آس پاس پرڙا هڻندي هوندي. اڄ جون هي چارگهڙيون اسين سڀ تنهنجي ئي نانءَ ڪڏ ٿيا آهيون. هت ڪو ڪير آ ڪو ڪير؟ جو سوال ڳالهہ ناهي. بلڪ هت توکي ڪنهن ڪيئن محسوس ڪيو ڪنهن ڪيئن جي ڳالهہ آ ..... سو اڄ جي هيءَ شام تنهنجي ئي نانءَ رهي - شام جون هي چارگهڙيون اسين پنهنجون شخصيتون پري ڪري اسين تنهنجي ئي حوالي سان هڪبئي کي سڃاڻنداسين.

خيرالنساءِ جي تقرير سان گڏ اڄ هن شام جي پڄاڻيءَ جو اعلان ٿئي ٿو، ..... اڄ جي شام، ڪارن ڪوجهن ڪکرن ۾ ويڙهيل ثميرا جي شام، ثميرا جي نانءُ شام، ثميرا سان شام.......

هال جا روشن بلب جهڪا ٿيندا ٿا وڃن! هوڏانهن اسٽيج جي ساڄيءَ ونگ وٽ پلٽي ماريو خيرالنساءِ جعفري ثميرا جي وڏي اديءَ ۽ ان جي پاڻيڄيءَ ۽ ٻين سڪين سان گڏ هنجون پئي هاري ۽ اٿين .... هرڪو ثميرا جي شام جي ياد سان گڏ لهندو ٿو وڃي هيٺ ۽ گم ٿيندو وڃي حيدرآباد جي پُر هجوم رستن تي ............... !!!

**(’ثميرا سان شام‘ - هڪ مختصر پيشڪش)**

ليک/ ثميره زرين

# سنڌي افساني جي اوسر (اوائلي دور)

مختصر افساني جي مقبول صنف سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪڏهن آئي؟ ان جي تدريجي ارتقا ڪيئن ٿي؟ تنهن باري ۾ ڪامل يقين سان تہ ڪجهہ چئي نٿو سگهجي، ڇو تہ سنڌي افساني جي تاريخ تي ڪو مستند احوال هن مهل تائين گڏ ڪري نہ ڇپايو ويو آهي، ۽ هيئنر ملڪ جي ورهاڱي کان پوءِ، لڏ پلاڻ سببان، اڳين علمي مرڪزن جي اجڙي وڃڻ ۽ ڪن اهم ڪتبخانن جي ضايع ٿيڻ ڪري جا صورتحال پيدا ٿي آهي، تنهنڪري اها ڳالهہ هيڪاري مشڪل ٿي پئي آهي. درحقيقت علمي ذريعن جي عدم موجودگيءَ ۾ علمي تحقيقات جو ڪم ڪرڻ ناممڪن آهي.

سنڌي افساني جي سلسلي ۾ ڪن عالمن جو چوڻ آهي تہ پهريون پهريون افسانو جو سنڌي ٻوليءَ ۾ آيو، سو هو سيد ميران محمد شاهہ اول (1245-1309هہ) مٽيارن واري جو هنديءَ ۾ ڪرشنا دتا جي لکيل آکاڻي 'سودي ۽ ڪبودي' جو سنڌي ترجمو - 'سڌاتوري ۽ ڪڌاتوري جي ڳالهہ' (١). پروفيسر منگهارام ملڪاڻي پنهنجي هڪ مضمون (ڏسو هفتيوار هندواسي، 16 سپٽمبر 1956ع) 'پاڪستان ۾ سنڌي نثر جي ترقي' ۾ لکيو آهي تہ سنڌي نثر ۾ اوائلي آکاڻي جا ڇاپي ۾ آئي، سا هئي آکاڻي 'راءِ ڏياچ ۽ سورٺ' جي. ان جو لکندڙ معلوم نہ آهي. اها لوڪ ڪهاڻي ڪئپٽن اسٽئڪ جي 'سنڌي گرامر' (1849ع) ۾ ڏنل آهي. سيد ميران محمد شاهہ اول جو لکيل اخلاقي آکاڻين جو هڪ ڪتاب

---

(١) ان کان پوءِ 'ڌرمنسنگهہ جي ڳالهہ' جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيو، جو 1854ع ۾ غلام حسين قريشيءَ ڪراچيءَ مان ڇپايو. ان کان پوءِ سنڌيءَ ۾ آيل ٻين آکاڻين ۾ 'سوداگر جو پٽ'، 'وصيت' ۽ 'سچائيءَ جي سوڀ' مشهور آهن. محترم محمد عثمان ڏيپلائي انهن کي قديم طرز جا افسانا ڪوٺي ٿو.

’مفيدالصبيان‘ نالي سان سال 1861ع ۾ شايع ٿيو. صحيح صورتحال کهڙي آهي، تنهن سلسلي ۾ هتي ايترو ته چئي سگهجي ٿو ته اڄ اسين مختصر افساني مان جا مراد وٺون ٿا، يا هيئن چئجي ته اڄ مختصر افساني جا جيڪي لوازمات مقرر ڪيا ويا آهن، تن کي سامهون رکبو ته ’سڌاتوري ۽ ڪڌاتوري جي ڳالهه‘ کي شايد افسانو نه سڏي سگهبو. ساڳيءَ طرح ’آکاڻي راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جي‘، جيئن پروفيسر ملڪاڻي صاحب لکيو آهي، در حقيقت لوڪ ڪهاڻي آهي؛ ۽ لوڪ ڪهاڻيون اسان وٽ هڪ نه پر هزارين آهن ۽ اهي ايامن کان داستان گو ٻڌائيندا آيا آهن. پيو ته ’سداتوري ۽ ڪڌاتوري جي ڳالهه‘ اوڻويهينءَ صديءَ جي وچ ڌاري لکي ويئي هئي، ۽ ’آکاڻي راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جي‘ ان کان به اڳ ٻڌائي پئي وئي. هوڏانهن اها هڪ مڃيل ڳالهه آهي ته مختصر افسانو مغربي ادب جي پيداوار آهي ۽ اسان وٽ انگريزي ٻوليءَ جي معرفت پهتو آهي. خود انگريزي ادب ۾ مختصر افسانو ارڙهين صديءَ کان اڳي ڪونه هو. انگريزي ادب ۾ مختصر افساني جنم ورتو ناول مان، ۽ انگريزي ادب ۾ ناول هوندي ته جيتوڻيڪ وڪٽورين پيرڊ ۾ ’نظم ۾ رومانس‘ جي طرز تي موجود هو (۽ ان ئي زماني ۾ ناول جو اهو نمونو به ظاهر ٿيو، جنهن ۾ عام ماڻهن جي زندگيءَ جي حقيقت پسندانه نموني عڪاسي تي ڪئي وئي)، پر در حقيقت ناول انگريزي ادب ۾ نمايان حيثيت اختيار ڪئي ۽ مخصوص روپ ورتو، سو ارڙهينءَ صديءَ ڌاري؛ جو ته تڏهن انگريزي سماج ۾ وچولو طبقو هڪ مستقل حيثيت اختيار ڪري چڪو هو. ناول ۽ افسانو وچولي طبقي جي پيداوار آهن. انگريزي ادب ۾ پهريون پهريون مختصر افسانو غالبا 1808ع ڌاري آيو.

انگريزن 1843ع ۾ سنڌ فتح ڪئي. ملڪ جي معاشري تي انگريزي تهذيب ۽ حڪومت جي دور رس اثر پوڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنجاهه کن سال لڳا هوندا. سنڌيءَ ۾ افسانو ويهين صدي عيسويءَ جي پهرئين ڏهاڪي ڌاري آيو ٿو ڀانئجي.

ڀانئجي ٿو ته سنڌي ادب ۾ افساني جو پهريون روپ گهٽي پاڻي آکاڻيءَ جي نموني تي هو ۽ اهو ’مختصر افساني‘ جي لوازمات کي ايڏو ويجهو نه هو.

بئي ڏهاڪي جا اهي افسانا گهڻي ڀاڱي نہ اصلوڪا هئا ۽ نہ ترجما هئا. انهن جا پلاٽ ورتل (adopted) هئا ۽ گهڻو ڪري انگريزي، اردو، هنديءَ ۽ بنگاليءَ مان سنڌيءَ ۾ آيا هئا. ليڪن انهن ٻولين جا افسانا ڪٽي، انهن کي پنهنجي مڪاني ماحول جو روپ ڏيئي تي پيش ڪيو.

ويهين صديءَ جي شروع جا ڪي پرچا، جن ۾ افسانا ڇپيا ٿي، سي محترم محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي ڇوڙ موجب هي آهن :

١. سرسوتي، ٢. سناتن ڌرم، ٣. ماهوار ناول اخبار، ۴. سنڌي ساهت سوسائٽيءَ جو رسالو 'سنسار چڪر قديم'.

سرسوتي ۽ ٻين پرچن ۾ جيڪي افسانا آيا ٿي، تن لاءِ مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي تہ مختصر افساني بنسبت آکاڻيءَ کي ويجها هئا. اهي 'سس-ننهن جو جهڳڙو'، 'نتيجو شراب پيئڻ جو' ۽ 'جهڳڙو زال مڙس جو' جهڙن عنوانن سان ناصحانہ طريقي ۾ لکيل هئا. انهن جو مقصد سڌو سنئون نصيحت ڏيڻ هو. ماهوار ناول اخبار ۾ گهڻو ڪري ناولٽ شايع ٿيندا هئا. انهن ۾ ڏيتي ليتي ۽ سماجي مسئلن تي ليک لکيل هوندا هئا.

ان کان پوءِ واري دور ۾، پهرين مهاڀاري لڙائيءَ (1914ع) کان پوءِ جي افسانن ۾ خاص رنگ آهي. ان دور جا ڪي مکيہ پرچا، جن ۾ افسانا آيا ٿي، سي هي آهن :

١. ماهوار 'لتڪا چتڪا'، ٢. ماهوار 'گلشن'، ٣. ماهوار 'راجپوت' وغيره.

محترم محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو ڇوڙ آهي تہ انهن رسالن ۽ اخبارن ۾ نئين طرز جا افسانا اچڻ شروع ٿيا، جي اول ترجمو هئا. پوءِ آهستي آهستي 'اصلوڪا' اچڻ لڳا. پر اها ڳالهہ سولائيءَ سان قبول ڪرڻ جهڙي نہ آهي. گمان غالب آهي تہ سنڌيءَ ۾ صحيح معنيٰ ۾ 'اصلوڪو مختصر افسانو' ويهينءَ صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي کان اڳ غالبا موجود ڪونہ هو ۽ ويهين صديءَ جي بئي ڏهاڪي جا افسانا ترجمو هئا يا ورتل (adopted). بهرحال، ايترو تہ ڪامل يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ ويهين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي ۾ صحيح معنيٰ ۾ سنڌي مختصر افسانا پيش ٿيا. انهن جو پهريون لکندڙ ڪير هو، تنهن باري ۾ يقين سان ڪجهہ چئي نٿو سگهجي. محترم عثمان علي

انصاريءَ جو خيال آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جو پهريون اصلوڪو افسانہ نگار مرزا نادر بيگ ڪي ڪوني سگهجي ٿو. پر اها ڳالهہ تحقيق طلب آهي. محترم پروفيسر ملڪاڻي صاحب جي مضمون 'سنڌي آکاڻين جي هڪ صدي' ۾ ڏنل معلومات جي آڌار تي ايترو چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي زبان جي اوائلي اصلوڪن افسانہ نگارن ۾ مکيہ ليکڪ ڇيتمل پرسرام، پرڀداس پٽ ڀيرومل مهرچند، مرزا نادر بيگ ۽ امرلعل هڱوراڻي آهن.

عيسوي صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي ۾ اصلوڪن سنڌي افسانن کي جنهن رسالي زور وٺايو، سو هو ماهوار رسالو 'سنڌو'، جيڪو مسٽر ٻولچند راجپال جي ايڊيٽريءَ هيٺ، 1932ع ۾، شڪارپور ۾ پوءِ جيڪب آباد مان شايع ٿيو. هن رسالي جو سمورو مواد نئين طرز تي هو ۽ افسانا پڻ هن ۾ اڳي کان گهڻو وڌيڪ سنواريل صورت ۾ نظر آيا. تنهنڪري 'سنڌو' کي بلاشبہ پهريون نئين طرز جو سنڌي رسالو چئي سگهجي ٿو. هن رسالي پندرهن سال جيڪا سنڌي ادب جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ ڪوشش ورتي آهي، اها ساراهہ جوڳي آهي. (۱). 'سنڌو' ۾ مرزا نادر بيگ، پروفيسر لطف الله بدوي، آسانند مامتورا، تاراچند 'قتيل' ۽ گوبند مالهي افسانا لکندا هئا. انهن منجهان گوبند مالهي هن وقت تائين افسانا لکي رهيو آهي. هتي ان ڳالهہ جي وري بہ وضاحت ڪرڻ ضروري آهي تہ 'سنڌو' جي اشاعت کان اڳ سنڌيءَ ۾ اصلوڪا افسانا شايع ٿيل هئا، پر اصلوڪن افسانن کي اهميت ڏيارڻ ۽ اڳتي وڌائڻ ۾ 'سنڌو' رسالي وڏو حصو ورتو هو.

محترم پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي راءِ موجب پهرين سنڌي اصلوڪن افسانن ۾ هيٺيان افسانا اَچي وڃن ٿا: 'ياجائيءَ جي مضمون نويسي' - مرزا نادر بيگ، 'مس رستم جي' - مرزا نادر بيگ، 'موهني' - 'عينڪ جو آزار'، 'چمڙا پوش جون آکاڻيون' - ڇيتمل پرسرام، 'نو ورنيءَ جو خون'، 'تلوڪ ٽيمي' - لالچند امرڏنومل، 'ننڍڙي نينا' وغيره، 'ڳنوارڻ'، 'ڪاري' - آسانند مامتورا، 'ادو عبدالرحمان' - امرلعل هنگوراڻي، 'گولي جو گناهہ'، 'ململ جو چولو' -

---

(۱) 'سنڌو' رسالو پندرهن سال سنڌ مان نڪتو. هينئر اهو هندستان مان نڪري ٿو، پر اڳيون شان نہ رهيو اٿس.

عثمان علي انصاري، ’اندر جا اُڌما‘ - پرڀداس پيرومل، ’اٿو، لٿو ۽ اجهو‘ ۽ ’چور‘ وغيره - گوبند پنجابي، ’ساڙهي‘ - ڀڳوان لعلواڻي، ’رحيمان‘ شيخ عبدالستار ’هاري حقدار‘ - گوبند مالهي، ’انساني مرغي‘ - رام لعل، ’ڪتي جو موت‘ - ڪرشن کٽواڻي، ’ليلان‘ - ڀڳوان لعلواڻي، ’ملاقات‘ - سائينداد سولنگي، ’اڇوت‘ - ڪيئلداس ’فاني‘، ’ڀيمو تري‘ - سدارنگاڻي، ’منجري ڪولهڻ‘ - ليکراج تلسياڻي، ’سومان‘ - آنند گولاڻي، ’هٽ نہ لاءِ‘ - جيوت نرياڻي، ’رولو‘، ’ڪلٽي‘ - شيخ اياز ۽ ’اهي اکيون ڪٿي هيون؟‘ - پوجراج موٽواڻي.

افسانن جي مٿين لسٽ ڏسبي تہ ان ۾ ڪي اهڙا افسانا نظر ايندا، جي گهڻو بعد جا 1940ع جا بہ لکيل آهن. درحقيقت 1940ع ڌاري سنڌي افسانو گهڻي ترقي ڪري چڪو هو.

1932ع ۾ ’سندر ساهتيہ‘ ۽ ’ڪهاڻي‘ سلسلن ۾ محترم سرائي اميدعلي جا ڪي افسانا آهن. محترم اميدعلي سرائيءَ جو بهترين افسانو ’بوٽ پالش‘ ڇپيو وڃي ٿو، جيڪو هن ڪاليج مخزن لاءِ لکيو هو.

1936ع ڌاري سنڌ ۾ سوشلسٽ تحريڪ جو اثر نظر اچي ٿو. ان تحريڪ جي اثر ڪري سنڌي ادب ۾ ترقي پسند ادب جا اهڙا عام ٿيڻ لڳا. ترقي پسند اديبن ۾ اڪثريت نوجوان افسانہ نگارن جي هئي. سنڌ ۾ ’هاري پارٽي‘ جي اڳواڻ محترم حيدر بخش جتوئي هارين جي زندگيءَ بابت ڪافي اصلوڪيون ڪهاڻيون لکيون، ۽ مختلف افسانہ نگارن جي ڪهاڻين کي گڏي، ڪتابي صورت ۾ ڇپايو. انهن ۾ ’ڪمدار جا ڪارناما‘ ڪتاب ذڪر جي قابل آهي. انهن افسانن ۾ سائينداد سولنگيءَ جو ’انڌيءَ جو جنڊ‘ ۽ شيخ اياز جو ’هيءُ هاري‘ سٺا افسانا آهن.

1940ع کان پوءِ 1947ع تائين وارو دور هنگامي دور هو. انهيءَ دور ۾ بي عالمگير جنگ ختم ٿي هئي ۽ برصغير ۾ آزاديءَ جي هلچل زور هئي. ان وقت نوي سيڪڙو افسانن ۾ اسان کي ڌاريءَ حڪومت جي خلاف باغيانہ خيال نظر اچن ٿا. انهن جا ليکڪ هندو بہ هئا ۽ مسلمان بہ. ان وقت جي افسانہ نگارن مان جي هن وقت بہ افسانا لکي رهيا آهن، تن ۾ مکيہ هي آهن : شيخ اياز، گوبند پنجابي ۽ ڪيرت ٻاٻاڻي.

1947ع ۾، برصغير پاڪ - هند جي آزادي ملڻ سان گڏ ان جو ورهاڱو ٿيو ۽ ٻہ آزاد ۽ خودمختيار حڪومتون قائم ٿيون. جيئن تہ سنڌ جي وچولي طبقي ۾ اڪثريت هندن جي هئي ۽ اڪثر پبلشر بہ هندو هئا، تنهنڪري انهن جي لڏي وڃڻ ڪري سنڌ ۾ سنڌي افسانن تي ڪجهہ وقت لاءِ جمود ڇانئجي ويو.

هندو افسانہ نگارن هندستان وڃي ٿانئيڪو ٿيڻ کان پوءِ وري افسانن ڏانهن ڌيان ڏنو. هنن ڪيترا سنڌي رسالا ڪڍڻ شروع ڪيا - جهڙوڪ ’ڪهاڻي‘، ’نئين دنيا‘، ’ڪونج‘، ’سهڻي‘، ’سئنا‘، ’مانجهي‘،’نرگس‘، ’رم جهم‘، ’قليلي‘، ’هندواسي‘، ’سنڌو ڌارا‘ وغيرهہ. انهن ۾ سنڌي افسانا گهڻي تعداد ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن.

پاڪستان ۾ سنڌي افساني جو نئون دور 1950ع ۾ شروع ٿيو. سنڌي ادبي جمود کي ٽوڙڻ ۽ افساني کي وري عام ڪرڻ ۾ ماهنامي ’نئين زندگي‘ ۽ سماهي ’مهراڻ‘ کي وڏو دخل آهي. ’فردوس‘ رسالي بہ ان ڏس ۾ ڪجهہ ڀرو ورتو، پر ان ۾ ڏنل افسانا فڪر ۽ فن جي لحاظ کان ڪافي سقيم هئا. پاڪستان ٿيڻ کان پوءِ سنڌيءَ ۾ جيڪي بہ بهترين افسانا لکيا ويا آهن، تن مان اڪثر ماهنامي نئين زندگي ۽ سماهي مهراڻ ۾ ڇپيل آهن. ٿورا گهڻا ٻين رسالن ۾ بہ نظر اچن ٿا، جيئن محترم محمد عثمان ڏيپلائي جا گهڻو ڪري سڀ افسانا سندس ئي شايع ڪيل رسالن يا ڪتابن ۾ آهن. هن صاحب اٽڪل بہ سوکن افسانا لکيا آهن، جن مان ڪي اهڙا ضرور هوندا جن کي سنڌيءَ جي چونڊ افسانن ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو. سندس سنا افسانا پيري مريديءَ تي لکيل آهن.

پاڪستان بڻجڻ کان پوءِ سنڌ ۾، 1950ع ۾، افسانو ادبي جمود ٽوڙي، اڳي کان اڳرو ٿي، عوام جي آڏو آيو. ان وقت جي ادبي ڪوشش جا ڪي روشن نشان هي ڪتاب ۽ رسالا آهن : پرهہ ڦٽي (رسالو)، اڳتي قدم (رسالو)، ڊاڪ بنگلو (افسانن جو مجموعو)، پنهل کان پوءِ (افسانن جو مجموعو)، گل ۽ مکڙيون (افسانن جو مجموعو). انهن مان قاسم شاد جو ڪڍيل رسالو ’پرهہ ڦٽي‘ ۽ شيخ اياز جو ’اڳتي قدم‘ جلد بند ٿي ويا، پر ان وقت تائين افسانو هڪ

مضبوط مقام حاصل ڪري چڪو هو. 1953ع ڌاري ’سنڌي ادبي سنگت‘ ڪراچيءَ جو بنياد رکيو ويو، جنهن خاص طور افسانن جي ترقيءَ لاءِ ڪوششون ورتيون ويون. سنڌي ادبي سنگت پاران دفعا افسانن جي انعامي چٽاڀيٽي ڪرائي، جن ۾ سنڌيءَ جي گهڻن ئي افسانہ نگارن حصو ورتو. انهن مان جن افسانن کي انعام مليا، سي بعد ۾ سماهي ’مهراڻ‘ ۾ ڇپيا.

1955ع ۾ سماهي ’مهراڻ‘ جاري ٿيو. هن پرچي گويا ادب جي راهہ ۾ هڪ قنديل روشن ڪئي. سندس معياري مواد هر سنڌيءَ جو ڳاٽ فخر سان اوچو ڪري ڇڏيو. ٻين رسالن مان، جن سنڌي افساني کي عام ڪرڻ ۾ قابل قدر ڪوشش ورتي، سڪر مان ’تقاضا‘ رسالو جو محترم شيخ الطاف جي ايڊيٽريءَ هيٺ نڪرندو هو، حيدرآباد مان ’مارئي‘ رسالو جو محترمہ بيگم عبدالله چنہ جي ايڊيٽريءَ هيٺ نڪتو ۽ سنڌيءَ ۾ عورتن جو غالبا پهريون رسالو هو، ۽ نوابشاه مان ’ادا‘ رسالو محترم گل محمد چني جي ايڊيٽريءَ هيٺ نڪرندو هو، قابل ذڪر آهن. 1950ع کان وٺي هن وقت تائين سنڌ ۾ جيڪي سٺا افسانا لکيا ويا آهن، تن مان ڪي هي آهن :

’ڪڏهن بهار ايندو؟‘ (سوڀو گيانچندائي)؛ ’بدمعاش‘، ’خميسي جو ڪوٽ‘، ’مان مڙد‘، ’مهرباني‘ ۽ ’شاهہ جو ڦر‘ (جمال ابڙو)؛ ’ڀٽي‘، ’ديوتا ۽ انسان‘ ۽ ’زندگي جي ڪنارن تائين‘ (سراج)؛ ’ٻري هن ڀنڀور ۾‘، ’نئون مڙدو‘، ’شيدو ڌاڙيل‘، ’ٻن ٻوڙين پاتال ۾‘ ۽ ’آبحيات‘ (غلام رباني)؛ ’ڇُهڙي‘، ’پريم‘، ’ٽڪري‘ ۽ ’زندگي جو روڳ‘ (بشير موريائي) ’جي تند برابر توريان‘، ڪارو رنگ‘، ’شرابي‘ ۽ ’مسافر مڪراني‘ (شيخ اياز)؛ ’اٺ وال ڪفن‘ (جميله تبسم)؛ ’ٻلو دادا‘ ۽ ’مان انسان آهيان‘ (اياز قادري)؛ ’الا ڪنهن پر‘ ۽ ’انٽريسٽ‘ (خواجه سليم)؛ ’ٻہ ڳوڙها‘، ’ٿواٿو‘ ۽ ’ٻہ پاڇا‘ (شيخ حفيظ)؛ ’هڪ رپئي جو نوٽ‘، ’ڏيءُ بنا ڏوليا‘، ’ٻڙ‘ ۽ ’ميرل‘ (رشيد ڀٽي)؛ ’مني‘، ’اونداهي‘ ۽ ’رانديڪو‘ (زينت عبدالله چنہ)؛ ’لهرين لوڏا‘، ’السلام عليڪم‘ ۽ ’ڪني آڱر‘ (نسيم کرل)؛ ’ونگ‘، ’م ڪي رڃ م رو‘، ’نئون پيغام‘ ۽ ’چٽنگ‘(رشيده حجاب)؛ ’ياڳيري‘ ۽ ’وري سانوڻ آيو‘ (عبدالغفور انصاري)؛ ’لوئي‘ (تنوير

عباسي)؛ ’بابلي‘ (عبدالحق عظيم)؛ ’ڪونڌر‘ (ڏيپلائي)؛ ’ماني ڳيو‘ (جمال رند)؛ ’وڏيري گهر‘ (ابن حيات)؛ ’هڪ ڪردار‘ (شمس صديقي)؛ ’رانجهو مداري‘، ’عثمان حجم جو روزو رکڻ‘ ۽ ’نئين زندگي‘ (علي احمد بروهي)؛ ’پيار ۽ ڏکار‘ (ممتاز مرزا)؛ ’چڪتاڻ‘ (عطا محمد منگي)؛ ’نبض شناس‘ (ڪروڙپتي)؛ ’وڏي پير جي وٽ‘ ۽ ’سهڙي آ سانجهي‘(رشيد آخوند)؛ ’جي توڙ نباهي جاڻن‘، ’ڪنارو ۽ ڪن‘ ۽ ’مجرم‘ (ثريا ياسمين). ان کان سواءِ هندستان مان جن سنڌي افسانہ نگارن پنهنجا افسانا هتان جي رسالن ۾ ڇپايا آهن، انهن منجهان پڻ هي ذڪر جي لائق آهن : ’ڪهاڻي‘ ۽ ’ڪاري‘ (گوورڌن محبوباڻي)؛ تون پڇين ٿو‘ (ڪيرت ٻاٻاڻي)؛ ’وياڪل وائي، وياڪل نظرون‘ (ڪلا پرڪاش)؛ ’پريم ۽ سندرتا‘ ۽ ’ڦيرو‘ (موهن ڪلپنا)؛ ’غفور‘ (هريڪانت)؛ ’لڙڪن جي لڙي (جڳديش لڇاڻي)؛ ’ڏڪڻو‘ (سندري اُتمچنداڻي)؛ ’۽ هوءَ ٻچي وئي‘ (مستانو).

هنن افسانن فڪر خواهہ اسلوب جي لحاظ کان سنڌي افساني کي سٺي مقام تي پهچايو آهي. سنڌ ۾ هينئين ٽن مکيہ افسانہ نگارن جي افسانن جا مجموعا ڇپيا :

(۱) ’بلو دادا‘ (1956) اياز قادري، (۲) ’پشو پاشا‘ (1959) جمال ابڙو، ۽ (۳) ’آبحيات‘ (1960) غلام رباني. اها البت ارمان جي ڳالهہ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي ايترن ٽڙيل پکڙيل بهترين افسانن کي هن وقت تائين ڪنهن بہ ناشر ڪتابي صورت ۾ آڻي محفوظ نہ ڪيو آهي. هن وقت سنڌي افسانن جا گهٽي کان گهٽا مجموعا ڇپائڻ جي ضرورت آهي.

قصي ڪهاڻيءَ جي صنف ۾ ڏئي وني افسانو ئي رهيو آهي، جنهن مان سنڌي پڙهندڙ جمالياتي تسڪين حاصل ڪري رهيا آهن. تنهنڪري ضرورت آهي تہ سماهي ’مهراڻ‘، ’نئين زندگي‘، ’مارئي‘ ۽ ٻين اهڙن رسالن ۾ ڇپيل افسانن جا مجموعا ڇپائي، جديد سنڌي ادب کي ترقي ڏيارڻ جي ڪوشش ڪجي.

(ليک جي پهرين قسط)

## منوهر نهالاڻي (احمدآباد)

رچنا جو 141 انڪ (جنوري-مارچ 2014) پهتو. ڀڳڻي ڪلاڪار جيون گرسهاڻيءَ جو ڪورپيج تي فوٽو ڏسي خوشي ٿي. مان سمجهان ٿو تہ هيءُ پهريون دفعو آهي جو ڪنهن ڪلاڪار، ناٽڪ ڪار جو قدرشناسيءَ طور رچنا جي ڪورپيج تي فوٽو ڏنو اٿو. اُن سان سائنس تعلق رکندڙ سهيوگي هري ميڙاڻيءَ جو هن بابت ليک 'سدا حيات جيون گرسهاڻيءَ جي شخصيت ۽ فن' تمام مائيدار رسيلي ٻوليءَ ۾ ڪافي معلوماتي ليک آهي. چڱا تفصيل ڏنا اٿائين. 'سنڌو ڪلا سنگم' ۾ سندس سهيوگي ساٿي ڪلاڪار ڪهڙا هئا، خاص خاص نالا ڏنا وڃن ها تہ پاٺڪ اُنهن کان بہ واقف ٿين ها.

لکمي کلاڻيءَ جي ڪهاڻي 'واپسي' اثرائتي پيشڪش واري آهي. هڪ ڊاڪٽر جي پوئين زندگيءَ جو ڪلاتمڪ مڪمل اظهار ڪيو ويو آهي. شري اَرجن حاسد جي ڪهاڻي 'پتي پتني' کان مون کي سندس ڪوتا 'آدڪان' وڌيڪ متاثر ڪيو.

هڪ گذارش - ڪنهن پئي انڪ ۾ سدا حيات هيمراج ناگواڻيءَ جي سدا حيات جيون گرسهاڻيءَ وانگر پاٺڪن سان واقفيت ڪرائيندا تہ خوشي ٿيندي.

(هن کان اڳ راڻي ڪرنا، آسڪرن شرما، سي. ارجن، هيمراج ناگواڻي، چاچي ٻڍي عمر ۾ پڳوتي ناواڻيءَ جهڙن ڪلاڪارن جا فوٽو قدرشناسيءَ طور رچنا جي ڪورتي ڏنا ويا آهن. سمپادڪ)

## جئرام چمناڻي (احمدآباد)

رچنا -141 تڏڙيون ادبي هوائون کڻي آئي. ڪورتي جيون گرسهاڻيءَ جو فوٽو ڏسي، توهان جي سوچ کي داد ڏجي ٿو تہ جيون گرسهاڻيءَ کي مان ملڻ گهرجي چو تہ ورهاڱي کانپوءِ هن ناٽڪن جي موڄ مچائي رکي. توهانجو هر ايڊيٽوريل هڪ نئين سوچ کڻي ايندو آهي. شعرو ڀاڱ بہ خوب پسند آيو ۽ هڪ شعر ۾ غزل وري وري پڙهي دل ۾ هندائڻ جي ضرورت پئي ٿي. بنسي خوبچنداڻي جي شرڌانجلي گوپال نڪرتي پڙهي، نڪر صاحب لاءِ ڪافي دل ۾

مان ۽ مرتبو جاڳيو. برک اديب شيام جئسنگهاڻيءَ جا هينيان لفظ ڪوٽ ڪريان ٿو. گوپال نڪرجون ڪهاڻيون رواجي ليکڪن کان هٽيل ۽ بولڊ آهن. ناري پاتر اڪثر پرش پاترڪان وڌيڪ اُپري روشنيءَ ۾ اَچن ٿا ۽ وسنار ۽ اظهار پائين ٿا.

سدا حيات جيون گرسهاڻيءَ جي شخصيت ۽ فن تي 'آر. ايم. هريءَ' جو ليک ڪافي چاڻ ڏئيتو. ارجن حاسد جي ڪهاڻي 'پتي پتني' بعد جدت ئڻي آئي آهي. لکمي کلاڻيءَ جي ڪهاڻي 'واپسي' بہ ڪافي پريرڻا ڏئي ٿي.

## پريم جوتواڻي (ناگپور)

'رچنا'- 140, هريش واسواڻي خاص انڪ ۾ مدد علي سنڌيءَ جو ليک '22 نومبر 1940 - ڪهاڻيڪار هريش واسواڻي' بہ دفعا پڙهيم. سوچ ۾ پئجي ويس تہ ڇا سدا حيات هريش واسواڻي مدرٽيريسا جيان اَناٿن جو ناٿ هو يا ٿيڻ ٿي چاهيو؟ ڇا هريش ساڪريٽس جيان سَچ جو ڪانکي هو؟ ڇا هريش اَنا هزاري جيان پِرشٽاچار جي خلاف هو؟ ڇا هريش واسواڻي بابا آمٽي جيان لِپراسيءَ جي مريضن جو دوست هو؟ هريش قَبوُل ٿو ڪري تہ هن سماجي اڻ برابرين خلاف ڪابہ بغاوت نہ ڪئي. قبول ڪرڻ وڏماڻهپو آهي. هريش اِنسانيت جو فرشتو هو. Blessed are they who have self - realisation.

هريش واسواڻيءَ جو Confession مون جهڙي ماڻهوءَ لاءِ مثال آهي. بيشڪ اِهو راز آهي تہ هريش جهڙو جينيس ڪهاڻيڪار ڇو دلشڪتو ٿي پيو؟
Was he in Search of Divine Light?

مدد علي سنڌيءَ جو چوڻ آهي تہ هريش - گوتم ٻُڌ جي فلاسفيءَ کان متاثر ٿي وچي ٻُڌست ٿيو. پر اُتي بِہ هن کي سڪون نہ مليو. هريش زندگيءَ مان ڇو خفا ٿي پيو. اِها هڪ Mystery آهي!

پڇاڙيءَ ۾ هن سنڌيءَ ۾ لکڻ ئي بند ڪري ڇڏيو. منهنجو شخصي خيال آهي تہ :

Humanity was personified in him, was he messenger of God?

هريش جهڙي روشن دماغ وِدوان جو Resurrection ضرور ٿيندو ...... پُنر جنم ٿيندو. پوءِ هريش پنهنجا سپنا ضرور ساڪار ڪندو.

Is it my emotional outburst? Thinker and visionary like Harish Vaswani never dies. Thinker is immortal in his philosophy of life.

Many are the ways that lead to God, -
many roads, many religions.

That which leadeth to God, - whatever
be the road man takes, whatever
be the religion he follows, - is
the simple path of selfless to
fellow-men and creatures.

When self is forgotten and man
lives only to bring happiness
to others, he is very close to God.

*Dada J.P. Vaswani*

**RAM & VEENA BUXANI FOUNDATION**
**DUBAI**

جَڻِيَنِ، شادي، چنڊ تي، ٿا ڀراٽا ڪڍن،
هٿ ۾ ڏونڪا،تال تي، ٿا مستن جيان نچن،
نچندي ڇيڄ وجهن، سنڌي منهنجيءَ سنڌ جا.





*With Best Compliments from*

# Lal Hardasani

**G.P.O.Box 9991**
**Hong Kong**
**Tel No. (Off.) 852-2850 5666**
**Fax No. (Off.) 852-2851 7061**
**Mobile No. - 9092 7864**
**Email-lal@lals-insurance.com**

جُهمر خاص زالن جو ناچ آهي. فقط ڍولڪ يا ٿالهہ جي تال تي. تال وٺڻ واريون زالون ٿالهہ يا ڍولڪ بہ وڄائن تہ مٺي مٺي سُرَ ۾ لاڏو يا سهرو بہ چون. زالن جو پيو جُهنڊ پيرا ڪٽي ۽ ڦيريون پائي. سنڌ جي جُهمر سونهن، نزاڪت، سُرَ ۽ تال جو ميلاپ آهي.

رام پنجواڻي





*With Best Compliments from*

# Notan Tolani

**P.O.Box: 95280 TST**
**15/F, Kowloon Centre, 29-39 Ashley Rd.T.S.T.,**
**Kowloon, Hong Kong.**

**Direct : (852) 2170 5555 Tel.: (852) 2376 0009**
**E-mail : notan@solartimeltd.com**

With Best Compliments from :

# CHHATLOK POONAM FOUNDATION

Trustee
**JATWANI FAMILY**

**Office :** 280 L. T. Marg, Ramchandra Building, 2nd Floor,
Opp. G. T. Hospital, Mumbai - 400 002.
**Hall :** Lok Hit Kutir Hall, 528 A/B 16th Road, Opp. B.P.M. High School,
Danda Road, Khar, Mumbai - 400 052.
Office Tel.: 22083278 / 22080351 HALL Tel.: 26045700
E-mail : loksons@bom2.vsnl.net.in